فياض لطيف

# مختلف ٻولين جي شاعري ۾ جماليات


***Abstract:***

Aesthetics is a multidimensional term which is basically known as the philosophical study of Beauty and art in large. The word, “Aesthetics” was first time used by a German philosopher Alexander Baumgarten with reference to the perception of beauty through the senses. In 18th century it got the profile of literary and artistic movement under the slogan `art for art’s sake`. In modern times Aesthetics is not only supposed to be merely a study of beauty but is assumed as Aesthetical cram of all colors and cult of life, and philosophical and artistic analysis of the beauty of cosmos. In this paper, I have tried my best to discuss various aesthetic aspects of the poetry of different languages and in the end reached to this calculation that though every society has its own culture, system and customs, it has many similarities in poetic thoughts.


**شاعري** ۽ جماليات جو پاڻ ۾ گهرو رشتو آهي. جيئن گل ۽ خوشبو، جيئن جسم ۽ روح جو لاڳاپو سياويڪ آهي، ايئن ئي حُسن ۽ شاعريءَ جو تعلق بہ اٽوٽ ۽ ازلي آهي. ٻين لفظن ۾ جسم کي روح کان ۽ گل کي خوشبو کان ڌار ڪري ڇڏبو، تہ انهن جو وجود ئي اجايو ۽ بي معنيٰ ٿي پوندو. اهڙيءَ ريت سونهن کان سواءِ شاعريءَ جو وجود ڇسو ۽ بي روح آهي. انسان جي فڪري ۽ احساساتي تجربن جي تاريخ ۾ شاعريءَ جي تخليق جو تجربو انتهائي اُتم ۽ اهميت وارو آهي، ڇو تہ شاعري نہ فقط فن ۽ اظهار جو سهڻو سنگم آهي، پر اها انسان جي ذهني فعاليت ۽ متحرڪ وجدان جو نتيجو آهي.

شاعر جو ادراڪ، احساس ۽ اظهار جو انداز، شاعريءَ کي معنويت ۽ حُسن عطا ڪن ٿا. رڳو، ”لفظن جي بي معنيٰ جُهڳٽي کي شعر/شاعري نہ ٿو چئي سگهجي... شاعري محض بي جان ۽ بي روح لفظن جو بوتو ناهي. هڪ تخليقڪار جڏهن انهن بي روح لفظن ۾ روح ڦوڪي ٿو، تڏهن ئي لفظ ساه کڻن ٿا“(1). يعني شاعر جي اها تخليقي سگهہ، فني ڪماليت ۽ فڪري سُرتِ ئي آهي، جيڪا شاعريءَ کي





ساحريءَ جو دوام بخشي ٿي.

زندگي گوناگون سچاين ۽ سُندرتائن جو ڀنڊار آهي. هر ماڻهو پنهنجي شعوري ۽ احساساتي بنيادن جي آڌار تي ان جي سچ ۽ سونهن کي ڏسي، محسوس ڪري ۽ ان مان حِظ وٺي ٿو، پر هڪ شاعر نہ صرف زندگيءَ ۽ قدرت جي حُسن ۽ حقيقت مان خود محظوظ ۽ متاثر ٿئي ٿو، پر خارجي حُسن کي پنهنجي اندروني احساسن جي خوبصورتي ۽ فني نزاڪتن جي سونهن سان سينگاري پيش ڪري ٿو، ان ڪري شاعري ٻٽي سونهن يعني زندگيءَ جي موجود روپن ۽ رنگن جو آئينو بہ پيش ڪري ٿي، تہ شاعر جي اندر جي تخليقي حُسن جو عڪس بہ.

شاعري ٻين لطيف فنن جي نسبت ان ڪري بہ نرالي ۽ منفرد آهي، جو ان ۾ نہ رڳو اظهاري سونهن آهي، پر ان سان گڏو گڏ ان ۾ احساساتي حُسن ۽ فڪري تاثر بہ ٿئي ٿو، جيڪو نہ فقط اکين کي نوان عڪس ۽ منظر پَسائي ٿو، پر ان جو احساساتي ۽ فڪري اثر دل کي موهي ۽ متاثر بہ ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو شاعريءَ کي دل جو آواز ۽ حُسن جي بيان جو لطيف ترين اظهار چيو ويو آهي.

”انسان بنيادي طور تي سونهن جو سرجڻهار آهي، ان ڪري هو ڏينهون ڏينهن ۽ جيئن پوءِ تيئن پنهنجي آس پاس جي ماحول ۽ دنيا کي پنهنجي سرجڻهار سگهہ جي ذريعي خوبصورت کان خوبصورت ۽ سهڻي کان سهڻو ڪندو رهي ٿو. انسان بحيثيت هڪ فنڪار جي، نہ رڳو معروضي ماحول يا شين جي جسماني خوبصورتيءَ جو خالق آهي، پر موضوعي مانداڻ يعني انسان جي روحاني دنيا جي خوبصورتيءَ جو خالق بہ آهي... واڍو، ڪنير ۽ رازو يا ٻيو ڪو بہ هنرمند ۽ معمار جيڪڏهن انسان جي معروضي دنيا جا خالق آهن، تہ شاعر، مصور ۽ ڪهاڻيڪار يا ٻيو ڪو بہ تخليقڪار ۽ فنڪار انسان جي موضوعي دنيا جي حُسن جا خالق آهن.“[2]

حُسن هڪ اهڙو مظهر آهي، جنهن جي ڪائي هڪڙي صورت، ڪوئي هڪڙو روپ ۽ ڪائي هڪڙي قطعي وصف ڪانهي، پر اهو اهڙي روشنيءَ وانگر آهي، جنهن جا اڻ ڳڻيا روپ ۽ رنگ آهن. ٻين لفظن ۾ حُسن بذاتِ خود قدرت جو هڪ اهڙو ڪرشمو آهي، جنهن جي جلون کي هر ماڻهو پنهنجي زاويہ نگاهہ، شعوري سگهہ، حسي تجربي، مزاج ۽ موڊ جي بنيادن تي پَسي، پرکي ۽ محسوس ڪري ٿو. هر شاعر ۽ تخليقڪار وٽ سونهن جي اظهار جو پنهنجو سليقو، پنهنجو ڍنگُ ۽ پنهنجي ڌات آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”دنيا جي مختلف قومن جا حُسن جي باري ۾ ڌار ڌار معيار آهن. آفريڪي ماڻهن جي نظر ۾ جيڪا عورت سهڻي آهي، سا ايشائي ماڻهن لاءِ بنهه ڪوجهي آهي. جپاني، چيني ۽ دنيا جي ڌار ڌار خِطن جا ماڻهو پسند ناپسند ۽ سونهن جي باري ۾ جدا جدا نڪته نظر رکن ٿا. آڳاٽي زمانن ۾ حُسن جي پرستارن خاص ڪري نسواني حُسن کي چاهيندڙن، هڪ سونهن جي ديويءَ جي، من کي لڀائيندڙ ۽ دل ۾ اُڌما پيدا ڪندڙ حُسن لاءِ، ان جي چهري جو رنگ روپ، نڪ، چپ، ڏند، گول مٿول ڳٽن، گفتار، رفتار، زلفن، ڪشيده قامت، ڪارين ڪٽورين ۽ ڪجلي دار اکين کي حُسن جو خاص معيار سمجهيو. ايراني شاعريءَ ۾ معشوق جي نشيلي نيڻن جو بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي“(3). جڏهن ته سنڌي شاعريءَ ۾ محبوب جي نگاهن کي مڌ جا پيالا ۽ ان جي زلفن کي گهنگهور گهٽائن سان ڀيٽ ڏئي سونهن جا معيار مقرر ڪيا ويا آهن.

سنڌي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلوئن جي ڳولها ۽ چند چاڻ ڪان پهريان پاڻ ڪجهه مشرق ۽ مغرب جي چند اهڙين اهم ٻولين جي شاعريءَ ۾ جمالياتي رُخن ۽ رنگن جو اڀياس ڪنداسين، جن جو سنڌي ادب ۽ خاص ڪري شاعريءَ سان ڪنهن نه ڪنهن طرح سٻنڌ رهيو آهي ۽ انهن سنڌي شاعريءَ تي پنهنجا فني، فڪري ۽ جمالياتي اثر ڇڏيا آهن. ان مطالعي ڪان پوءِ نه فقط جماليات جي گهڻ رخي معنائن ۽ تصورن، جيڪي مختلف ٻولين ۽ قومن ۾ موجود آهن، جي خبر پوندي، پر ان ڪان علاوه مختلف ٻولين ۾ موجود شاعراڻي جماليات جو مربوط عڪس پڻ عيان ٿيندو. هيٺ چند مکيه ٻولين جي شاعريءَ ۾ موجود جماليات تي هڪ طائرانه نظر وجهون ٿا.

## فارسي شاعريءَ ۾ جماليات

ايران جي سرزمين صدين ڪان تهذيب، تمدن، ادب، فن ۽ شاعريءَ جي حوالي سان انتهائي زرخير ۽ ممتاز رهي آهي. خيام، رومي ۽ حافظ ڪان وٺي شيخ مهدي ۽ جامي تائين شاعرن جي هڪ حسين ڪهڪشان آهي، جن پنهنجي احساس، اظهار ۽ خيال جي خوشبوءَ سان دنيا کي واسيو ۽ مهڪايو آهي. ”فارسي شاعري پنهنجي موضوعن، فن ۽ هيئت جي لحاظ سان شاعريءَ جي دنيا ۾ وڏيڪ رنگين ۽ شيرين آهي. ان ۾ جذبات جي فراواني، خيال جي ندرت، فڪر جو تعمق ۽ معنيٰ جي وسعت آهي. ان جو هر شعر نزاڪت ۽ نفاست جو پيڪرِ رنگين آهي... ايراني شاعري هڪ رنگين ۽ جاذبِ نظر ماحول ۽ معاشري جي پيداوار آهي.“(4)





ايران جي فارسي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ابتدائي حوالي سان جن اهم ۽ نامور شاعرن جا نالا ملن ٿا، انهن ۾ رودڪي، دقيقي، انوري، خاقاني، عنصري، فرخي ۽ فردوسي شامل آهن. رودڪي فارسيءَ جو پهريون صاحبِ ديوان شاعر ۽ هومر وانگر ڄائي ڄم ڪان نابين هو. فارسيءَ ۾ قصيده گوئيءَ ۽ درٻاري شاعريءَ جي ابتدا هُن ڪان ٿئي ٿي. فردوسي به درٻاري شاعر هو، پر هن جي اظهارِ بيان جو انداز ۽ لفظن ۾ جذبن جي بي ساختگي نرالي هئي. هن جي جڳ مشهور مثنوي ”شاهنامو“ فن ۽ فڪر جي حوالي سان مشرق توڙي مغرب ۾ تمام گهڻي پذيرائي حاصل ڪئي. فردوسيءَ جي شاعريءَ ۾ درٻاري شان و شوڪت، ادب آداب جي بيان سان گڏو گڏ محبوب جي ادائن، ان جي حسين چهري ۽ گهٽائن جهڙن سياهه زلفن جو، جيڪو موهيندڙ اظهار ملي ٿو، اهو سچ ته لافاني آهي.

به پيچيده مورا بصر آب و تاب،
گره کرد شب را پس آفتاب
چوبکشاد آن طره مشک ناب،
شب آمد به پابوسئي آفتاب.
(فردوسي)

(رات کي سج جي ڪرڻن ۾ لڪائي ڇڏيائين ۽ پيچدار وارن کي ويڙهي سيڙهي پوئتي ڪري ڇڏيائين. وري جڏهن انهن مشڪ ڀريل وارن کي کوليائين ته رات سج جي پيرن چمڻ لاءِ هلي آئي.)(5)

ايران جيئن ته گلن جي رنگين دنيا جو ديس آهي، انهيءَ ڪري، ”گلن ڦلن جي ذڪر سان فارسي شاعرن پنهنجي ڪلام کي سينگاريو آهي. فارسي شاعريءَ ۾ بهار ۽ برسات جو ذڪر به عام جام آهي.“(6)

رنگين ماحول جي رنگين مزاج شاعرن پنهنجن شعرن ۾ تشبيهون ۽ استعارا اهڙا استعمال ڪيا آهن، جن مان رومانوي ۽ عاشقانه حُسن جهلڪندو محسوس ٿئي ٿو. فارسي شاعرن جو محبوب سراپا حُسنِ مجسم ۽ پري تمثال هو. ”محبوبانه ادائن ۾ قيامت پئي پيچ و تاب کائي. سندس تبسمِ زير لبيءَ ۾ وڄ پئي ور هڻي، سندس زلف جي هر هڪ گره ۾ مشڪ مليل، سندس گيسوي دراز ۾ عنبر جون اوتون پيل، سندس هر هڪ انگ گلن ڪان نفيس ۽ نرم، خوشبودار ۽ عطر افشان، سندس چپ اهڙا نازڪ جهڙا گلاب جا ورق، لبن جي لالي اهڙي جهڙي مرجان جي شاخ، سندس اک اهڙي جهڙي هرڻ جي اک، سندس منهن جهڙو چوڏهينءَ جو چنڊ، گردن اهڙي جهڙي صراحي،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌس اک مخمور ۽ شرابي، مئخانن جا مئخانه اوتيندو وتي."[7] رومي پنهنجي پرينءَ لاءِ چوي ٿو:

بنمائي رخ کي باغ و گلستانم آرزوست،
بکشائي لب کي قند فراونم آرزوست
يکدست جام باده ويکدست زلفِ يار،
رقصم چنين ميانهءِ ميدانم آرزوست.

(پنهنجو چهرو ڏيکار، جو باغ ۽ گلستان جي آرزو اٿم. چپ کول (ڳالهاءِ) جو ماکي ۽ مصري جي تمنا اٿم. هڪ هٿ ۾ شراب جو پيالو هجي ۽ ٻئي ۾ زلفِ يار، ان حال ۾ سر ميدان رقص ڪرڻ جي خواهش اٿم.)[8]

فارسي شاعريءَ ۾ فلسفي ۽ تصوف جون جيڪي رمزون ۽ رعنايون حافظ شيرازي، عرفي، تبريزي، جامي، بيدل، رومي، سرمد، عطار ۽ سعديءَ سُٺايون ۽ سمجهايون آهن، انهن ۾ پنهنجي هڪ معنوي، احساساتي ۽ جمالياتي سونهن آهي. هنن لاءِ محبوب ئي حُسنِ ڪل آهي. ان جي جمال ۽ جوت اڳيان ساريون روشنيون ۽ سندرتائون تڇ آهن.

"عشقيه جذبات کي جنهن جوش ۽ وارفتگيءَ سان حافظ پيش ڪيو آهي، تنهن سنڌس ڪلام کي فارسي زبان ۾ اهڙو مقام عطا ڪيو آهي، جو سنڌس ڪلام فارسي شاعريءَ جو 'ترڪ شيرازي' بنجي پيو آهي."[9] حافظ وٽ حُسن، خدائي صفت آهي، ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ سونهن هر حال ۾ اُتم نظر اچي ٿي:

حق ترڪ تو اي نگار آسان نه دهم،
تاپيش زمر وخطت جان نه دهم
ياقوت لبت کي قوت جا نست مرا،
آن رابد و صد هزار مرجان نه دهم.

(محبوب جي مقابلي ۾ دنيا جون نعمتون ڪجهه به نه آهن. مون کي سواءِ حُسنِ جانان جي ديدار ۽ درشن جي ٻي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي).[10]

عمر خيام سرمستي ۽ الاهيات جو مبلغ ۽ فلسفي شاعر آهي. هن جي رباعين ۾ مي ۽ مدهوشيءَ جا جيڪي حسين رنگ آهن، انهن جو سرور ۽ سڪون ئي پنهنجو آهي. هن جي شاعري ۾، خارجي حُسن ۽ رنگينين بدران داخلي جذبن، دلي اُڌمن ۽ احساسن جي





اُپٽار وڌيڪ آهي.

مي خوردن وگردِ گلرخان گرديدن،
بهترز هزار زاهدي ورزيدن
گر مردمِ مي خوار بدوزخ باشد،
پس روئي بشت را کي خواهد ديدن.

(مي نوشي ۽ حسينن جي صحبت، منافقن جي ساٿ کان هزار ڀيرا بهتر آهي. جيڪڏهن سڀني عاشقن ۽ پياڪن کي دوزخ موڪليو ويو، ته پوءِ بهشت ته خالي پيو هوندو!).[11]

فارسي شاعريءَ ۾ شاعرن کان علاوه شاعرائن پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ حُسن ۽ عشق جي موضوعن تي بي باڪيءَ سان لکيو آهي. انهن ۾ رابعه بنت ڪعب، مهستي، قرت العين طاهره ۽ پروين اعتصامي جا نالا شامل آهن، پر انهن سڀنيءَ مان فروغ فرخ زاد جو اندازِ بيان مختلف ۽ اظهار بي باڪ آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ حُسن ۽ پيار جا الستي آواز ۽ زندگيءَ جي سچائين جا ڀرپور رنگ پرٽيا آهن. اڪثر ايراني شاعري گل و بلبل، جام و مينا، نرگس و صنبل، گيسو و رخسار جي ذڪر ۽ ابهام سان ڀري پئي آهي، پر قرت العين طاهره ۽ فروغ فرخ جي شاعريءَ کي جڏهن پڙهجي ٿو، تڏهن انهن ۾ زندگيءَ جي حقيقي ڏکن ۽ سکن جي جهلڪ سان گڏوگڏ حُسن ۽ محبت جا من کي موهيندڙ احساس ملن ٿا، جيڪي درد ۽ دلڪشيءَ جي حوالي سان پنهنجو مثال پاڻ آهن. قرت العين جي اظهار ۾ انوکي بي باڪي ۽ پيار جي نفاست ڀري حسناڪيءَ جو هي انداز ڏسو:

ازپي ديدن رخت همچو صبا فتاده ام،
خانه بخانه دربدر ڪُوچه به ڪوچه ڪوبڪو
مهر تو را دل حزين بافته برقماش جان،
رشته به رشته نخ به نخ تار به تار پو به پو
در دلِ خويش طاهره گشت ونديد جز تورا،
صفحه به صفحه لا به لا پرده به پرده تو به تو.

(مان تنهنجي چهري جي ديدار لاءِ بادِ صبا وانگر در در ۽ گهٽي گهٽي رُلي آهيان. منهنجي درد ڀري دلڙي تنهنجي عشق کي پنهنجي اندر ۾ اُٽي چڙهيو آهي. طاهره پنهنجي دل جي ڪتاب جو هڪ هڪ ورق ووڙيو آهي، پر اُتي تنهنجي پيار کان سواءِ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پيو ڪجھ نظر نہ ٿو اچي) . (12)

فروغ فرخ جي خيالن ۾ پڻ سگهاري مزاحمت ۽ حقيقت نگاريءَ جو حسن ملي ٿو:

مــن صــلــيــب ســرنــوشــتــم را،
بـرفـراز تـپہ هـائـي قـتـل گـاه بـوسـيـدم
زنـــدگــي قــلـب مـرا تـكـرار خـواهـد كـرد.
(فروغ فرخ)

(مون پنهنجي زندگيءَ جي صليب کي تختہ دار تي بہ چميو آهي، زندگي مون کي ضرور دهرائيندي.)(13)

فارسي شاعريءَ ۾ بہ هي حُسنِ جميل ۽ حُسنِ جليل جو عڪس ۽ احساس ملي ٿو. تشبيهن، استعارن ۽ ترڪيبن جي ندرت پڻ موهيندڙ ۽ مثالي آهي.

## عربي شاعريءَ ۾ جماليات:

عربي شاعريءَ جا آثار توڙي جو اسلام جي آمد کان ڏيڍ سئو سال اڳ ملن ٿا، پر عربي شاعريءَ جو ادبي حوالي سان عظيم ترين دور، قبل اسلام وارو دور ليکيو وڃي ٿو. پهريون عرب شاعر جنهن قصيدي لکڻ جي عربي شاعريءَ ۾ روايت وڌي، اهو مهلهل بن ربيع هو، جيڪو امراءَ القيس جو مامو هو.

”اها حقيقت آهي، تہ عرب شاعريءَ جيتوڻيڪ پوين دورن ۾، يزيد بن معاويہ، اخطل، فرزدق، ابونواس، المتنبي ۽ ابوالعليٰ معري جهڙا باڪمال شاعر پيدا ڪيا، ليڪن سندن ڪلام ۾ امراءَ القيس، لبيد، نابغہ زيبائي ۽ ان دور جي ٻين شاعرن واري بيساختگي، جذبات جي شدت، تخيل جي بلندي ۽ فطري حُسن جو جواب ڳولڻ عبث آهي.“(14)

عربي ادب جي تاريخ ۾، ’سبعہ معلقات‘ کي پنهنجي فني، فڪري، لساني ۽ جمالياتي لب و لهجي سبب اهڙي حيثيت حاصل آهي، جهڙي سنڌيءَ ۾ شاهہ جي رسالي ۽ فارسي زبان ۾ سعديءَ جي گلستان، فردوسي جي شاهنامي، حافظ جي ديوان ۽ روميءَ جي مثنويءَ کي اهميت آهي. سبعہ معلقات ستن عرب شاعرن جي قصيدن تي مشتمل هڪ شاهڪار آهي، جنهن ۾ اُمراءَ القيس، زهير بن ابي سلميٰ، عمرو بن ڪلثوم التغلبي، طرفہ ابن عبدالبڪري، عنتره بن شداد العبسي، لبيد بن ربيعہ العامري ۽ حارث بن حِلزه اليشڪري جي شاعري شامل آهي. هنن شاعرن جو





اسلام کان اڳ واري دؤر سان تعلق آهي، جنهن کي ’ايامِ جاهليت‘ جو دور چيو وڃي ٿو. سندن شاعريءَ کي فحاش ۽ عريانيت زده بہ چيو ويو آهي، پر ”اها شاعري لفظن ۽ مصطلحات جي لحاظ سان توڙي لغت ۽ محاورات جي خيال سان، نهايت مستند ۽ معتبر تسليم ڪئي وئي آهي. عربي لغت جو گهڻو تڻو دارومدار ان ايامِ جاهليت جي شعرو شاعريءَ، بيان ۽ پيرايہء بيان تي مشتمل آهي.“ (15)

”سبعہ معلقات جي هر شعر مان شاعر جي قادرالڪلاميءَ جو اندازو ٿئي ٿو. ان ۾ قدرتي منظرن جي عڪاسي، نادر صحرائي تشبيهون، سراپا نگاري، عشق ۽ محبت جي دلچسپ واقعن سان گڏوگڏ... جنسي جذبن جي اظهار ۽ ان دور جي تهذيب، معاشرت، رسم و رواج ۽ ٻين زندگيءَ سان لاڳاپيل اهم موضوعن جي جهلڪ پڻ نظر اچي ٿي.“ (16)

انهن خوبين ڪري ئي ان شاعريءَ کي ”الشعر ديوان العرب“ چئي، نہ رڳو محفوظ ڪيو ويو آهي، پر ”اسلامي مدرسن ۽ نصابِ نظاميءَ ۾ سبعہ معلقہ کي لساني ۽ ادبي حيثيت سان نصاب ۾ رکيو ويو آهي ۽ اهي جامع ازهر قاهره کان وٺي دارالعلوم ديوبند جي مدرستہ الواعظين لکنوء تائين پڙهيا ۽ پاڙهيا وڃن ٿا.“(17)

عربي شاعريءَ ۾ امراءَ القيس کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. هن جي شاعريءَ ۾ توڙي جو خمريات، جذب، مستي، جنسي جذبات ۽ حسينائن سان ميل ملاقاتن جو کُليو اظهار ملي ٿو، پر هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي اَملهہ تشبيهون، استعارا ۽ ڪنعايہ استعمال ڪيا آهن ۽ قدرت جي فطري نظارن، بارش جي بوندن، ڪنوڻ جي چمڪاٽن، مٺيءَ جي هڳاءَ، پکين جي پڪارن، عورت جي سڊول جسم ۽ ان جي حسين ادائن جي پنهنجن شعرن ۾ نقش نگاري ڪئي آهي، اها سچ تہ ڪمال جي آهي. ان کان سواءِ عربيءَ ۾ غزل جي موجد هجڻ ۽ طويل رومانوي نظم لکڻ جو سهرو بہ سندس سِرَ تي آهي، ان ڪري، ”ادب جا مورخ کيس عربي ادب جو امام سڏن ٿا.“(18)

امراءَ القيس جي شاعريءَ ۾ جتي عرب جي صحرائن، ديوقامت پهاڙن ۽ خانہ بدوش قافلن جي منظر ڪشي آهي، اتي عشق ۽ الفت جون پچارون ۽ محبوبہ جي حُسن جي اڻ مٽي تعريف جو اثرائتو اظهار بہ ملي ٿو. هو پنهنجي هڪ شعر ۾ پنهنجي پرينءَ جي خد و خال جو بيان هيئن ڪري ٿو:

مهَفهَفتہُ بيضَاءُ غيرُ مفَاضتہ، ترائبُها مصقُولتہ کالسجَنجَل
کَبِڪر المقاناتِ البيَاض بصُفرتہ، غَذاها نميرو الماءِ غيرُ المحلل. (امراءَ القيس)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(محبوبہ جنھن جي سنھڙي ۽ نازڪ چيلھہ، پيٽ سڌو، رنگ گورو، بدن هلڪو ۽ سھڻو. سندس سينو اھڙو جھڙو چمڪندڙ آئينو. سندس رنگ ان موتيءَ جھڙو، جنھن جي سفيديءَ ۾ سونھن پئي جھلڪا ڏئي ۽ ان کي ڄڻ تہ اھڙو سون جو پاڻي ڏنل آھي، جيڪو ڪڏھن ڌُنڌلائجي نہ ٿو.) (19)

طُرفہ ابن العبدالبڪري عرب ۾ پنھنجي عاشقانہ مزاج ۽ رنگيني طبع سبب نہ صرف چڱي شھرت رکندڙ ھو، پر دل کي ڇھندڙ تشبيھن، تخيل جي بلند پروازي، فڪر جي گھرائي ۽ دلڪش اندازِ بيان ڪارڻ عربي شاعريءَ ۾ پنھنجو ھڪ الڳ مقام رکندڙ شاعر ھو. ھن جي شاعريءَ ۾ عورت، اُٺي ۽ شراب جي تعريف کان علاوہ ڏاھپ، دانائي، موت ۽ حياتيءَ جي فلسفي جي حوالي سان ڳوڙھا نقطا ملن ٿا. چيو وڃي ٿو، تہ ھن جي شاعريءَ تي حافظ ۽ خيام جي رندي ۽ سرمستيءَ جو اثر آھي. اڇوتي تشبيھن، تخيل جي بلندي، ٻوليءَ جي حسناڪي ۽ اندازِ بيان جي دلڪشيءَ جون خوبيون سندس شاعريءَ ۾ عام ملن ٿيون. جيڪي کيس وڏي مان ۽ مرتبي وارو شاعر ثابت ڪن ٿيون. سندس ھن شعر ۾ تشبيھي ڪمال ۽ احساساتي جمال جي ھي جھلڪ ڀَسو:

وَتَبسِمُ عَن المَي کان مُنوِرا تَخللَ حُرالرمل دِعص لُهُ نَدي
سَقتہ ايَاتُ الشمسِ الا لِثاتِهِ اسِف وَ لم تَکدِم عَلَيهِ باثِمدِ.
(مولانا ناصر، تسھيلات : ص46)

(ڪٽڪائين چپن واري منھنجي محبوبہ جڏھن مُرڪي ٿي، تڏھن ھن جا موتين جھڙا ڏند، ايئن ٿا لڳن ڄڻ ’بابونہ‘ جون تازيون مُڪڙيون ٽِڙي پيون آھن. ھُن جي ڏندن ۾ سج جي ڪِرڻن جھڙي چمڪ آھي. ھُن جون مھارون سُرمئي ۽ ڏند چمڪندڙ آھن، جيڪي موھي ٿا موھن.)

فارسي شاعرن وانگر عربي شاعرن وٽ شراب، ڪباب، عيش عشرت ۽ عريانيت جا جذبا ۽ احساس عام جام آھن. عمرو بن ڪلثوم، حارث بن حلزہ، عنترہ بن شداد ۽ زھير بن ابي سلميٰ کان وٺي لبيد بن ربعيہ تائين سينيءَ جي شاعري شراب جي خمارن، عورت جي حُسن ۽ شباب جي سرور ۾ ٻُڏي پئي آھي، پر ان جي اظھار ۽ بيان ۾ پنھنجي ھڪ منفرد حقيقت ۽ حسناڪي آھي:

الاهُبي بِصحنِکِ فاصبَحِينَا، وَلاتُبقي خُمُورَ الانْدَرِينَا
مُشَعشَعَتہ کان اُلحص فِيها، اِذا ماالماءُ خالطَهاسَخِينا.
(عمرو بن ڪلثوم)

(اي محبوبہ! اُٿي سُجاڳ ٿي، پنھنجي پيالي ۾ اسان کي صبوحي پيار، ۽ اھا





ايتري پيار، جو ڳوٺ (اندر) مان آيل شراب ٻين لاءِ نہ بچي. اھڙو شراب پيار، جو جڏھن ان ۾ گرم پاڻي ملائين، تڏھن ايئن لڳي ڄڻ تہ ان ۾ زعفران مليل آھي.)(20)

”عربي شاعريءَ ۾ گل جي رنگيني نہ آھي، صحرا جي خاموشيءَ کي چيريندڙ اُٺن جي ٽلين جو آواز آھي.“(21) ان ۾ غنائيت، فطري سادگي ۽ برجستگي، صحرائن جي وسعت ۽ پھاڙن جي صلابت ملي ٿي ۽ ان جي اسلوب جو جاھ و جلال ھڪ ئي وقت ھيبت، حيرت ۽ رقعت جي ڪيفيتن کي بيدار ڪري ٿو.

عربن وٽ سماجي طور تي شجاعت ۽ آبرو، بدويانہ اخلاق، فياضي ۽ مروت جا قدر موجود آھن، جن کي ھنن پنھنجي شاعريءَ ۾ ورتايو آھي. ان کان علاوہ قدرت جي سونھن ۽ صداقت بہ سندن شاعريءَ جو موضوع رھي آھي، پر شراب ۽ شباب جي حُسناڪيءَ جو ذڪر سندن شاعري ۾ جَجھو ملي ٿو:

تمتع بذا اليوم القصير فانه، رھين بايام الشھور الاطاول.

(مون کي منھنجي محبوبہ چوي ٿي، ھن مختصر وصال مان چڱي طرح پياس اُجھاءِ، ڇو تہ ھي ڏينھن جدائيءَ جي مھينن جي طويل ايام وٽ گروي رکيل آھي. ھي ڏينھن مدتن کان پوءِ نصيب ٿيندو آھي.) (22)

عربي شاعري گھڻي قدر محبت ۽ مزاحمت جي موضوعن تي مشتمل آھي. اڪثر عرب سماج ۾ مذھبي لاڙي جي رغبت سبب عورت وڏيڪ پابندين ۽ ضابطن جو شڪار آھي. جن سماجن ۾ عورت ۽ محبت مقيد ھوندي آھي، اتي مزاحمت ۽ رومانس جا جذبا ۽ احساس وڏيڪ اُسرندا ۽ نِسرندا آھن. جديد عربي شاعريءَ ۾، صلاح عبدالصبور ۽ نزار قاباني خارجي سونھن ۽ صداقتن جي عڪاسيءَ سان گڏ انسان جي داخلي احساسن ۽ اُڌمن جو ڀرپور چِٽ چِٽيو آھي، جيڪو نہ رڳو موھيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آھي، پر اھو عرب سماج جو ھڪ نئون عڪس ۽ احساس پڻ پيش ڪري ٿو.

## ھندي شاعريءَ ۾ جماليات

شاعريءَ جو حقيقي روح، جذبن جي سادگي ۽ اظھارِ بيان جي نفاست آھي. نفاست ۽ جذبات جي والھانہ اظھار جي حوالي سان عورت دريا دل ٿئي ٿي. عورت نہ رڳو پنھنجي جسماني بيھڪ ۽ خارجي ڏيک ويک ۾ حُسن ۽ نفاست جو ڀنڊار آھي، پر داخلي طور تي ھن جي روح ۾، محبت ۽ خلوص جي ھڪ رنگين ڪائنات آباد ٿئي ٿي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عام طور تي دنيا جي اڪثر ٻولين جي شاعريءَ ۾ مرد عاشق ۽ عورت محبوبه جي روپ ۾ نظر اچي ٿي، پر هندي شاعريءَ ۾عورت عاشق ۽ مرد محبوب جي روپ ۾ موجود آهي، انهيءَ ڪري هندي شاعري اظهارِ جذبات ۽ اثرپذيريءَ جي معاملي ۾ نرالي ۽ منفرد آهي. ان ۾ جذبن جي تڙپ ۽ تانگھ، محبت جي بي چيني، پيار جو سڪون ۽ دل جي اڻ جهل اُمنگن جا احساس، ”مرد نه، پر عورت جي زباني اظهاريل آهن. هندي شاعريءَ ۾ گهٽو ڪري، مرد ڪنهن جي عشق ۾ پنهنجا هوش و حواس وڃايل نه ٿو ملي، ليڪن عورت، مرد جي محبت ۾ پچي ۽ پڄري ٿي. مرد ڪنهن جي حُسن ۽ قاتل ادائن جو گهايل نه ٿو ٿئي، پر عورت ئي مرد جي پيار ۾ لڇندي ۽ تڙپندي رهي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو رامائڻ ۾، پهريان سيتا جي دل ۾ رام جي پيار جو تير پيوست ٿئي ٿو. ڀڳوت گيتا ۾، اول رڪمڻي ئي شري ڪرشن کي پنهنجي نينهن جو نوتو موڪلي ٿي. مهاڀارت ۾ دماينتي، نل سان پريم جو اظهار ڪري ٿي. ساڳيءَ ريت سنجوگتا، پرٿوي راج جي چرڻن ۾ پنهنجي دل جو دان پيش ڪري ٿي.“[23] شڪنتلا پنهنجي محبوب راجه دُشانيتا جي عشق ۾ جلندي رهي ٿي. ميران ٻائي، شري ڪرشن جي موهه ۾ جهنگ جهر ڀٽڪندي ٿي وتي. سيتا، رام جي پيار خاطر آزمائش جا آڙاهه ٿي اُڪري، مطلب ته هندي شاعريءَ ۾ عشق جا سمورا رَند ۽ پنڌ، پيار جا ڏک ۽ ڏونگر عورت ڏوريندي نظر اچي ٿي. ڪوي ميٿل گوڪل پنهنجي ڪوتا ۾ محبوب لاءِ منتظر هڪ وينگس جي بي چيني ۽ تڙپ جو نقش هئين چِٽي ٿو:

ڦوٽل ڪسم سڪل بن انت، آوت سَڪي سمي بسنت
ڪوڪل ڪل ڪلرد نهه پِتار، پي پرديس هم سهت نه پار
اب بدي جائي سنو آ، و هوڪانَ، آئو نپئي همر من مانَ
يهسڪسمي سوهه مم ناهه، ڪاسنگ بلست ڪو سب تاهه
تو هو پدي اهه سڪ ڪهه ڪچو ٿام، بديا پتي ڪهه پورب ڪام.[24]

(بهار ايندي ئي ڪسم جا گل ٽڙي پيا آهن ۽ ڪويل جا ٻول فضائن ۾ ٻُري رهيا آهن، پر پرين اڃا ڏورانهين ڏيهه ۾ آهي. هن حسين موسم ۽ منهنجي دل جي بي چينيءَ جو حال جيڪڏهن ڪنهن طرح منهنجي محبوب تائين پهچي، ته جيڪر هو هاڻي ئي هليو اچي. هيءَ خوبصورت موسم پرينءَ بنا سچ ته مون کي ڪانءُ ٿي وڃي. منهنجي هنئين جو هار ته مون کان پري آهي، هن بنا اندر جي ڳجهه جون ڳالهيون ڪنهن سان





اوريان).

ساڳي روايت جي جهلڪ سنڌيءَ جي اڪثر لوڪ داستانن، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ ملي ٿي. سسئي، پنهونءَ لاءِ پير پٿون ڪري ٿي. سهڻي، ميهار جي محبت ۾ درياءُ پار ڪري ٿي. مومل، راڻي لاءِ راتيون جاڳي اوسيڙي جي اذيت ڀوڳي ٿي. سورٺ، راءِ ڏياچ جي عشق ۾ چڪيا تي چڙهي ٿي.

هندي شاعريءَ ۾ نه رڳو ڀڳتي ۽ صوفياڻي خيالن جو خوبصورت اظهار ملي ٿو، پر اها عشق ۽ محبت جي لطيف جذبن، فطرتي رنگينين ۽ انساني حُسن جي نفاستن کي پڻ پنهنجي بطن ۾ سمائي ٿي. حُسن ۽ محبت کي ڀڳت شاعرن صوفياڻي رنگ ۾ رڱي پيش ڪيو آهي. ان حوالي سان رامانند، ڀرتري هري، ڪيسوداس. دادو ديال، سورداس، ڀڳت ڪبير، ڪاليداس، چرن داس، سندر داس، ميران ٻائي ۽ تلسي داس جي شاعري ڪافي متاثر ڪندڙ آهي. انهن صوفين ۽ سنت شاعرن جي شاعريءَ ۾ هڪ طرف انسان جي داخلي دنيا جي حُسن جي جهلڪ ملي ٿي، ته ٻئي طرف ان ۾ زندگيءَ جي فلسفياڻي فڪر، پرينءَ جي وصل جي مسرتن ۽ محبوب جي اوسيئڙي جا عڪس نظر اچن ٿا. دادو ديال ۽ ڪبير داس جي هيٺين شعرن ۾ مجازي محبت جي حُسن ۽ حسيت جو هي حسين عڪس پَسو:

ساج سنگار ڪيا من ماهين، اجهون پي پسيجي ناهين
پيا ملن ڪو اهنس جاڳي، اجهون ميري پلڪ نه لاڳي.
(دادو ديال)

(سوين سينگار ڪري پرينءَ سان ملڻ لاءِ ويٺي آهيان. راتين جون راتيون جاڳي آهيان. هڪ پل لاءِ به اک نه ٻوٽي اٿم، چوته ڪائي خبر ناهي پرين ڪهڙي پل اچي.)

لالي موري لال ڪي جت ديکون تت لال،
لالي ديکن مين چلي مين ڀي هو گئي لال.
(ڪبيرداس)

(لالي منهنجي لال جي، جت ڏسان، تت لال،
لالي ڏسڻ مان ويس، ٿي ويس مان به لال!)

ڀرتري هريءَ جي ڪوتائن ۾ ڀرپور عشقيه شاعريءَ جي جهلڪ ملي ٿي. ڪيسوداس وٽ مجازي عشق ۽ محبت جي ڪيفيتن جي اثرائتي اُپٽار آهي. اَمارو جي

شاعري پڻ جذبات نگاري ۽ فني حُسن جي حوالي سان پنهنجو مٽ پاڻ آهي، پر بهاري لال جي ڪوتائن ۾ عشق ۽ حُسن جو بيان بي مثال آهي. ”جهڙيءَ ريت شانت رس ۾، فطرت نگار تلسي ۽ وير رس ۾، پوشن جا نالا صفِ اول جي شاعرن ۾ شمار ٿين ٿا، ساڳيءَ ريت سنگار رس، (جنهن ۾ عورتن جي حُسن ۽ جمال جو ذڪر هوندو آهي) ۾، بهاري لال جو مرتبو تمام مٿانهون آهي. ان نسبت سان هندي شاعريءَ ۾ ڪيس حُسن نواز ۽ عاشق مزاج جي لقبن سان ياد ڪيو ويندو آهي.“[25] سندس شاعري جمالياتي سونهن ۽ احساساتي اظهار جو سهڻو سنگم آهي. سندس شاعريءَ جي هيٺين سٽن ۾ نسواني حُسن ۽ حقيقت جو پيش ڪيل عڪس انتهائي موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي:

يوشن يار سنيار هي ڪيون يہ تن سڪمار
سوڏي پائي نہ ڏر پرين سويا هين ڪي پار.

(او نازنين! تون پنهنجي نازڪ بدن تي زيورن جو بار ڪيئن سنڀالي سگهندينءَ، تنهنجا پير تہ تنهنجي جوانيءَ ۽ شباب جو بوجھ ئي ڪونہ پيا ڪٽي سگهن!)

”رس، سنسڪرت زبان جو هڪ جامع لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ لطف، لذت، خوشي يا مسرت آهي. اصطلاحي معنيٰ موجب رس سنسڪرت ۾ جماليات (Aesthetics) جي حيثيت رکي ٿو. . .ان نسبت سان سنگار رس (عشقيہ شاعري) هندي شاعرن جي ذوق ۽ تخيل جو خاص عنوان بڻي.“[26] سنگار رس ۾ شاعرن عورت جي دلفريب ادائن ۽ خاص ڪري جسماني سونهن ۽ ظاهري سينگار کي بيان ڪيو آهي. محبوبہ جو قدڪاٺ، سهڻي صورت، اکيون، ڳل، چپ، وار، سنهڙي چيلهہ مطلب تہ عورت جي مڙني جلون ۽ سورنهن سينگارن جا مذڪور سنگار رس ۾ ملن ٿا. هيٺئين دوهي ۾ شاعر پنهنجي پرينءَ جي جسماني حُسن جو، سهڻين تشبيهن ذريعي نقش نگار بيان ڪندي چوي ٿو:

اڌر ڪپول گلاب هين، ڪيس سوسن ڪي ريهہ،
ڪيسر روپ، مُک ڪنول، اُن ساجن وصل لي.

(گلابي چپن، گهنگهور گهٽا زلفن، ڪيسري روپ ۽ ڪنول گل جهڙا پرين! اُٿ تہ ڪو وصل جو لطف وٺون)

هندي شاعرن صوفياڻي رمزن، فطرت جي نظارن، هجر ۽ وصال جي ذڪر کان علاوه پنهنجي ڪوتائن ۾، اهڙيون خوبصورت علامتون، ترڪيبون، استعارا ۽ تشبيهون پڻ استعمال ڪيون آهن، جن مان سندن شاعراڻي ندرت، نئين تخيل ۽ حُسن





پسنديءَ جي پرک پوي ٿي:

چند نهين يہ ڪيسي هون مومت مانهہ،
پري اڪاس اڏي مين تي مُک ڇانهہ
نهين ناگر گر منهيان هيرا هار،
ڪرت پروڇن سيسي ڪو نڪهت ڪتار.

(هي آسمان ۾ چنڊ نہ آهي، پر مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ آڪاش جي ساگر تي ڪنهن جي ڇهري جو عڪس پئجي رهيو هجي. ڪير ٿو چوي تہ هن جي ڳچيءَ ۾ هيرن جو هار آهي، پر اهي تہ ستارا آهن، جيڪي چنڊ جو طواف ڪري رهيا آهن.)[27]

## انگريزي شاعريءَ ۾ جماليات

انگريزي ادب ۾، ارڙهين صديءَ جي پوين ٽن ڏهاڪن کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇو تہ انهن ئي سالن ۾، انگريزي شاعريءَ ۾ رومانيت ۽ فطرت پرستيءَ جي لاڙن جنم ورتو ۽ ان تحريڪ جي اڳواڻي وليم ورڊس ورٿ (William Wordsworth) ۽ ڪولرج (Coleridge) ڪئي. لارڊ بائرن (Lord Byron)، جان ڪيٽس (John Keats)۽ شيلي (Shelley) جو ڪردار پڻ ان سلسلي ۾ واکاڻ جوڳو آهي. هنن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ فقط انساني جذبات کي آزاديءَ سان اظهاريو، جنهن کي ڪلاسيڪي عقليت (Rationality) جي دور ۾ وحشياڻو ۽ معيوب عمل سمجهيو ويندو هو، پر ان سان گڏوگڏ قدرت جي حُسن ۽ حقيقتن کي پڻ پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو.

1978ع ڌاري ورڊس ورٿ ۽ ڪولرج گڏجي پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب، ”سُريلا گيت“ (Lyrical Ballades) جي نالي سان شايع ڪرايو، جنهن ۾ سندن لکيل مهاڳ اڳتي هلي رومانوي شاعريءَ جو ڄڻ تہ منشور بڻجي ويو. جيئن انگريزي شاعريءَ جو خالق چاسر کي چيو وڃي ٿو، ايئن قدرتي حُسن ۽ فطري احساسن جو شاعر ورڊس ورٿ آهي. ورڊس ورٿ جي شاعري انسان جي داخلي جذبن جي سونهن ۽ فطرت جي رنگينين جي ترجمان آهي. هن جي شاعريءَ جو پيغام انسان ۽ فطرت جي هم آهنگي آهي. هن جي نظر ۾ شاعر انهيءَ ڪري باڪمال ۽ منفرد آهي، ڇو تہ، ”هو انسان جي دل جي امنگن ۽ فطرت جي روح جي هم آهنگيءَ کي منڪشف ڪري ٿو ۽ انهيءَ هم آهنگيءَ جي اصولن کي ئي تصويرن ۽ لفظي صورتن ۾ پيش ڪري ٿو.“[28]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن جي شاعريءَ ۾، شهر جي پُر شور، آلوده ۽ مصنوعي ماحول جي منظرڪشيءَ بدران ٻهراڙيءَ جي فطري ماحول، قدرتي نظارن ۽ سادي سودي ماڻهن جي دلي جذبات ۽ محسوسات جو عڪس نظر اچي ٿو. ان حوالي سان سندس نظم، ”ويسٽ منسٽر برج“ (West Minster Bridge)، ڊيفوڊلس (Daffdils) ۽ لوسي گري (Lucy Grey) شهر آفاق شهرت رکن ٿا. هن جي اظهارِ بيان ۾ فلسفياڻي پيچيدگين ۽ اُلجهائن بجاءِ سادگي ۽ سلاست آهي، اهو ئي سبب آهي، جو هو پنهنجي شاعريءَ ۾ خود به منظرن جيان سرهو ۽ مرڪندڙ ٿو محسوس ٿئي ۽ سندس من بادلن سان گڏ. سرسبز وادين جا سير ڪندو وتي ٿو. سندس هن نظم جي سٽن ۾ احساساتي سرهائيءَ جو تاثر ڏسو، گلن کي ڏسي هن جو من خود بخود مهڪي پوي ٿو.

“I wander lonely as a cloud,
That floats on high over vales and hills,
When all at once I saw a crowed,
A host, of golden daffodils.”(29)

(مان تنها بادل وانگر رُلندي ۽ وادين، ٽڪرين مٿان ترندي، اچانڪ سونهري ڊيفوڊلس جي گلن کي جهومندي ڏٺو.)

ڪيٽس (Keats)، سونهن کي لازوال خوشيءَ جو ذريعو سمجهي ٿو. هن جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز حُسن آهي. سندس نظم ”Ode to a Nightingale“ فن ۽ فڪر جو شاهڪار آهي. ڊاڪٽر ايم اي فاروقي پنهنجي هڪ مقالي ۾ سندس شاعريءَ تي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

“Keats is distinguished from other romantic poets for he was, a poet first and last. His individuality consisted in rejection of all that was not poetical. His character is distinguished by his strict, faithful, whole hearted devotion to beauty and beauty only”.(30)

(ڪيٽس ٻين رومانوي شاعرن کان ان ڪري مختلف ۽ منفرد آهي، ڇو جو هو اول ۽ آخر شاعر آهي. هن جي انفراديت ان ۾ آهي، جو هو شاعراڻي احساس کي ئي اُتم سمجهي ٿو. هو فڪر کان روح تائين، رڳو حُسن جو شيدائي آهي.)

”ڪيٽس حُسن پرست ۽ حساس شاعر هو. هن جي شاعريءَ ۾ جهوليندڙ گيت، گلن جو حُسن ۽ چنڊ جي روشنيءَ جا دلڪش منظر ملن ٿا. هو فطرت جا رنگ گڏ ڪري تخيل جي طاقت سان ڄڻ ته مصوري ڪندي نظر اچي ٿو.“(31) هو سونهن کي سچ ۽ سچ کي سونهن سمجهڻ کان علاوه ان کي معروضي ۽ داخلي صداقت قرار ڏئي ٿو ۽ ان مان ئي حقيقي سڪون حاصل ڪرڻ جو قائل آهي، ان ڪري ئي چوي ٿو:





“A thing of beauty is a joy for ever
Its loveliness increases, it will never
Pass into nothingness, but still will keep
A bower quiet for us, and a sleep
Full of sweet dreams, and health, and quiet breathing
Therefore, on every morrow, are we wreathing.”(32)

(خوبصورتي اهڙي دائمي خوشي ڏئي ٿي، جيڪا سدا موهيندڙ آهي، جنهن کي ڪا به فنا نه آهي. اها اسان کي سدا بهار سڪون، مٺڙي خوابن سان ڀريل ننڊ ۽ صحت بخش جياپو عطا ڪري ٿي، ان ڪري اسان کي گهرجي ته هر روز ان کي گلن جو خراج پيش ڪريون.)

ڪولرج ۽ بائرن پڻ حُسن پرست ۽ فطرت نگار شاعر هئا. ڪولرج مافوق الفطرت، جڏهن ته بائرن داخليت پسند ۽ سونهن پرست هو. شيليءَ جي شاعري محبت، خوابن ۽ احساساتي خوبصورتين جي شاعري آهي. ردم ۽ جذباتي رنگيني هن جي شاعريءَ جي خاص سڃاڻپ آهي. سندس نظم ”Ode to the west wind“ ٻولي توڙي منظر نگاري جي لحاظ سان رسيلو ۽ راحت ڏيندڙ آهي. هن جي لفظن ۾ آبشار ڌارا جهڙي رواني ۽ خيالن ۾ موهيندڙ تاثريت ۽ تازگي آهي. هو پنهنجي شاعريءَ ۾، درد کي به اهڙي دلڪش احساسن سان اظهاري ٿو، جو پڙهندڙ کي اهي به پيارا لڳن ٿا.

“Oh! Lift me from the thorns of life. I die, I faint, I fail!
Let thy love in kisses rain, on my lips and eyelids pale,
My cheek is cold and white, alas! My heart beats loud and fast,
Oh! Press it to thine own again, where it will break at last.”(33)

(مان سُرتِ ۽ حوصلو وڃائي ويٺو آهيان. مان مران ٿو، مون کي زندگيءَ جي ڪنڊن تان کڻ. منهنجي چپن، اکين ۽ ٿڌي ٿي ويل اُجري ڳلن تي پنهنجي پيار جي چمين جي بارش وسڻ ڏي. هاءِ! منهنجي تيز ڌڙڪندڙ دل کي وري پنهنجي دل سان ملاءِ، ڇو ته اها آخر اتي ئي فنا ٿي وڃڻي آهي.)

وليم بليڪ (William Blake)، ٿامس مور (Thomas Moor)، لارڊ ٽيني سن (Lord Tennyson)، رابرٽ براؤننگ (Robert Browning) ۽ رابرٽ برجز (Robert Bridges) جي شاعريءَ ۾ من موهيندڙ ٻولي، ترنم، تخيل جي اُڏام ۽ سهڻي تشبيهن ۽ استعارن کان علاوه جذبات نگاري، سونهن ۽ فطرت جي عڪاسي ملي ٿي.

براؤننگ جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ مجاز جا موهيندڙ رنگ آهن. هن جي، ”مجازي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نظمن جي اڄ بہ هاڪ آهي. عشق ۽ محبت براؤننگ جي شاعريءَ جا خاص موضوع هئا....برجز جي شاعريءَ ۾ اهم عنصر حُسن آهي، جنهن جي تلاش ۾ ڪيٽس وانگر هو رات ڏينهن سرگردان نظر اچي ٿو. سونهن کي برجز اهو سريلو گيت سمجهي ٿو، جيڪو هن پوري ڪائنات جو روح آهي...ازرا پائونڊ جي شاعريءَ ۾ پڻ جمالياتي حُسن (Aesthetic Beauty) ڀرپور انداز ۾ موجود آهي.”[34]

”انگريز ڪوين پنهنجي ملڪ جي جبلن، ٻنين، جهنگلن، ندين ۽ انڌاري رات ۾ ٽمڪندڙ ڪڙڪبيتي ۽ ٽامي جهڙي رنگ جي مُرجهايل پنن وغيره (جي حُسن) کي حساس دل سان بيان ڪندي، ڪويتا ذريعي رس عطا ڪيو آهي.”[35] انگريزي شاعريءَ ۾ مختلف وجودي وارتائن جي عڪس ۽ احساس کان علاوه قدرت جي حسن ۽ حقيقتن جي اُپٽار بہ جهجهي انداز ۾ ملي ٿي.

## اردو شاعريءَ ۾ جماليات

حُسن، عشق، رنگ ۽ راحت جا جذبا ۽ احساس انساني فطرت جو بنياد آهن، جن جو انفرادي ۽ عمومي اظهار هر دور جي ادب ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت، ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ ضرور نظر اچي ٿو. اردو ادب ۾، حُسن ۽ جمال جو اظهار ولي دکني کان وٺي مير، نظير، فراق، اقبال، غالب، اختر شيراني، جوش ۽ فيض کان وٺندي اردو جي انيڪ جديد شاعرن تائين، فنڪارانہ حيثيت ۾ ملي ٿو.

وليءَ جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ ۽ ڪائنات جي حُسن ۽ حقيقت جو ڀرپور عڪس نظر اچي ٿو. ”هُن جي شاعريءَ ۾، چنڊ جي چانڊوڪي، سج جي پُرسرور ڪِرڻ، آڪاش جي دلڪش وسعتن ۽ صبح ۽ شام جي دل آويز حُسن جو نقش آهي.”[36] سندس عشقيہ شاعري خيال جي لطافت ۽ اظهارِ بيان جي دلڪشيءَ سان مالامال آهي.

مير تقي مير پنهنجي شاعريءَ ۾ درد کي بہ دلڪش انداز سان بيان ڪيو آهي. موسيقيت، بيانيہ حُسن، معصومانہ تخيل، لفظن جي رواني ۽ احساساتي تاثر سندس شاعريءَ جون خوبيون آهن. هن وٽ ”انساني جذبات بہ آهن، تہ قدرتي منظر بہ... هن جو ڪلام انفرادي ۽ اجتمائي شعور جو حسين امتزاج آهي...مير جي دنيا ۾ عشق ۽ حُسن جي حڪمراني آهي.”[37] هو پنهنجي پرينءَ جي چپن کي گلاب جي پنکڙين سان تشبيهہ ڏيندي چوي ٿو:





نازکی اس کی لب کی کیا کہیے
پنکھڑی اک گلاب کی سی ہے۔

يا وري پنهنجي محبوبہ جي خمارِيل خوبصورت اکين جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

میر ان نیم باز آنکھوں میں
ساری مستی سراب کی سی ہے۔

مير درد، مصحفي ۽ آتش جي شاعريءَ ۾ حُسن ۽ عشق جو ذڪر انتهائي سادو ۽ جاذب آهي. مرزا غالب جي شاعري نازڪ خيالي ۽ حُسن ڪاريءَ جي حوالي سان ٻين اردو شاعرن کان بلڪل ئي نرالي ۽ منفرد آهي. ”هو عشق جي لطيف جذبن ۽ زندگيءَ جي سوز ۽ گداز کي والهانہ انداز ۾ پيش ڪري ٿو. جسم جي ڀرپور راحتن ۽ جيون جي حسين لذتن جو، جهڙو سهڻو اظهار هن جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو، اهڙو شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر وٽ ملي. غالب جو اندازِ بيان ايترو تہ گهرو ۽ پُراثر آهي، جو اهو هر دل جي صدا بڻجي وڃي ٿو.”[38]

عشق سے طبیعت نے زیست کا مزا پایا
درد کی دوا پائی درد بي دوا پایا
سادگی و پُرکاری، بي خودی و ہوشیاری،
حُسن کو تغافل میں، جرئت آزما پایا۔

مومن ۽ داغ پنهنجي اندازِ سخن ۽ عاشقانہ مزاج سبب، اردو شاعريءَ ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکن ٿا. مومن عشق ۽ حُسن جي حوالي سان حقيقت پسند آهي. هو محبت ۽ سونهن جي سچائين کي تصوف جي رمزن ۾ پيش ڪرڻ بدران کليل اظهار جو حامي لڳي ٿو. جڏهن تہ داغ جي شاعريءَ جي ”وڏي خوبي ان جي ٻوليءَ جو حُسن آهي...هن وٽ تغزل جا حسين ۽ دلڪش مثال ملن ٿا.”[39]

امير مينائي، حسرت، فاني، حالي، جگر، اصغر گونڊوي، فراق، نظير، اقبال ۽ اختر شيراني جي ڪلام ۾ سونهن جا موهيندڙ رنگ ۽ احساس جون نفاستون ملن ٿيون، پر فيض احمد فيض جي شاعريءَ ۾، هڪ لطيف ۽ پرڪيف، نرم ۽ نازڪ رومانوي سحر آهي، جيڪو چانڊوڪي رات جيان پُرسڪون بہ آهي، تہ پره ڦٽيءَ وانگر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

امید افزا ۽ اتساهيندڙ به. بقول رياض قدير: ”فيض جي ڪلام جي انفراديت جو راز دراصل ان جو مخصوص شعري آهنگ آهي، جنهن جي غنائيت، انقلابي نعري کي به محبت جو نغمو بڻائي ڇڏيو آهي.“(40)

فيض اردو شاعريءَ ۾ نين ترڪيبن، تشبيهن ۽ اڇوتي فنڪارانه حُسن کي اظهاريندڙ شاعر آهي. هو رات جهڙي سياه علامت ۽ صحرائن جهڙي پڙاڻگ وستين کي پنهنجي فنڪارانه احساس ذريعي نيون معنائون ۽ نوان مفهوم عطا ڪري ٿو. سندس شاعراڻي اظهار جو هي لطيف ۽ حسين انداز پَسو ۽ پُرجهو:

رات یوں دل میں کھوئی ہوئی یاد آئی
جیسے ویرانے میں چپکے سے بہار آ جائے
جیسے صحراؤں میں ہولے سے چلے باد صبا
جیسے بیمار کو بے وجہ قرار آ جائے۔

جوش جي ڪلام ۾ انقلابيت کان علاوه، ”حُسن ۽ جمال، نفاست ۽ لطافت جي دلڪشي، ڪيف ۽ سرمستي، فطرت جي منظرنگاري ۽ محبوب جي ناز و ادا جو خوبصورت اظهار آهي.“(41)

آ رہی ہے باغ سے مالن وہ اٹھلاتی ہوئی
مسکرانے میں لبوں سے پھول برساتی ہوئی
رس جوانی کا گھنی پلکوں سے ٹپکاتی ہوئی
پاؤں رکھتی ناز سے شبنم کے قطروں کی طرح
سبزہ خوابیدہ گلشن کو چونکاتی ہوئی۔

متين شاعرن کان علاوه فراق گورکپوري، ابنِ انشا، احمد فراز، امجد اسلام امجد، پروين شاڪر، نوشي گيلاني، ساحر، گلزار، ساغر ۽ ٻين نئين ٿهيءَ جي اڻ ڳڻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي حقيقت ۽ حُسن جي رنگينيءَ ۽ رعنائيءَ جو خوبصورت عڪس ملي ٿو.

توڙي جو، ”اردو شاعري پنهنجي فن ۽ هيئت، موضوع ۽ مواد جي لحاظ سان، فارسي جي صداءِ بازگشت آهي... اهو ئي هجر و وصال، اهو ئي زلف و ابرو، اهو ئي گل و بلبل.... عاشقانه





واردات جي ترجمانيءَ لاءِ اهي ئي فارسي خيال... اردو جي ابتدائي شاعريءَ جو پورو دفتر، ان رنگ ۾ رنگيل آهي“(42) پر حاليءَ ۽ ان کان پوءِ جي اردو شاعرن نه رڳو، ”فارسيت زده شاعريءَ جي خلاف بغاوت جو نعرو هنيو.“(43) پر ان کي فڪر، فن ۽ اظهارِ حُسن جي حوالي سان نيون ندرتون ۽ جدتون عطا ڪيون آهن. ترقي پسند ۽ جديد شاعرن اردو شاعريءَ جو زندگيءَ سان ٽٽل ناتو جوڙي، انهيءَ کي نه صرف عصري حسيت سان هم آهنگ بڻايو آهي، پر ان کي زندگيءَ جي نئين معنوي ۽ احساساتي حُسن سان آراستا ڪيو آهي، جيڪو بلاشبه موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي.

مذڪوره ٻولين ۾ حُسن جي مختلف پهلوئن تي نظر وجهڻ کان پوءِ هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ شاعري ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾، موجود جمالياتي رُخن کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

## لوڪ سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات

لوڪ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ماڻهو. لوڪ کي انگريزيءَ ۾ فوڪ (Folk) ۽ جرمن زبان ۾ ووڪ (Volk) چون ٿا. توڙي جو اهي ٽئي لفظ ٽنهي ٻولين ۾ 'ماڻهوءَ' جي مفهوم طور مروج آهن، پر سنڌيءَ جو لفظ لوڪ گهڻو وسيع ۽ تاريخي طور انهن کان تمام اڳاتو آهي. انگريزيءَ ۾، ”فوڪ لور جو لفظ 1846ع ۾ ڊبليو جي ٿامس (W. J. Thomas) پنهنجي جريدي اٿينائيم (Aethenaeum) ۾ ڪم آندو.“(44) جڏهن ته لوڪ ادب سنڌو ماٿريءَ جي تهذيبي ۽ تمدني جيوت جي پيداوار آهي.

”لوڪ ادب ۾ سنڌي ثقافت جي سونهن ۽ سوڀيا، سڳنڌ ۽ سرهاڻ سمايل آهي. هي ادب عام ماڻهن جي جذبن ۽ امنگن، مايوسين ۽ محرومين، احساسن ۽ ذهني ڪيفيتن، ڏکن ۽ ڏاکڙن، اميدن ۽ آسرن، مزاج ۽ فطرت، مذهبي ۽ ذهني رجحانن جو ترجمان آهي. نه فقط ايترو، پر لوڪ ادب سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ ساخت، لغوي ذخيري ۽ فطري خوبين جو محافظ آهي. هن ادب جون پاڙون جيئن ته هن ڌرتيءَ ۾ آهن، انهيءَ ڪري هن ۾ سنڌ ڌرتيءَ واري فطري سونهن آهي.“(45)

لوڪ ادب ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ نثري، جنهن ۾ لوڪ ڪهاڻيون ۽ قصا شامل آهن ۽ ٻيو لوڪ شاعري. سنڌي لوڪ شاعريءَ جو دائرو تمام گهڻو ڪشادو آهي. الله بخش نظاماڻي پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو، ”سنڌي لوڪ شاعريءَ تي جيڪڏهن نظر وجهبي، ته ڏسبو ته سيني شعبن، شغلن ۽ شين جهڙوڪ ريتن رسمن، سورهيائي، سچائي ۽ سخاوت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وغيره ۾ زندگيءَ جا جذباتي پهلو مثلاً: عشق، حُسن، ڏک درد، جهيڙن جهڳڙن تي عام شاعرن پنهنجا قسمين قسمين راز پلئي سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي دفتر کي پنهنجي عوامي شعر ۾ پوريءَ طرح سان محفوظ ڪيو آهي.“(46)

جيئن ته لوڪ شاعري عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن، ريتن رواجن، رهڻي ڪهڻي، خوشين ۽ خوبصورتين جي ترجمان آهي. اها معنوي ۽ احساساتي طور تي گهڻ رنگي ۽ فني توڙي هنري لحاظ سان ڪيترين ئي مختلف صنفن تي مشتمل آهي. ان ڪري ان کي موضوع ۽ هيئت جي آڌار تي هيٺين ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

## 1. روايتي لوڪ شاعري

هيءَ شاعري پراڻن واقعن ۽ روايتن سان تعلق رکندڙ مواد تي مشتمل ٿئي ٿي. جيئن جنگي معرڪا، بهادرن جي سورهيائي ۽ مذهبي اعتقاد وغيره. جن کي سگهڙ پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ سان قلمبند ڪري جنگناما، مناظرا، مداحون، مناجاتون. معجزا جا صنفي نالا ڏئي عوام اڳيان پيش ڪندا آهن.

## 2. هنري لوڪ شاعري

هن ۾ ڳجهارتون، پروليون، ڏور، ڏهس، ڏٺ ۽ سگهڙائپ هنر ۽ فن سان وابسته سموريون صنفون اچي وڃن ٿيون. هن شاعريءَ ۾ سگهڙ پنهنجي مطلب ۽ معنيٰ کي پوشيده رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهيءَ ڪري هيءَ شاعري هڪ طرف ڳوڙهي ۽ گهري ٿيندي آهي، ته ٻي طرف ان ۾ ذهني وندر ۽ ورونهن جو جهجهو سامان هوندو آهي، جنهن ڪري سنڌ جي اڪثر عوامي ڪچهرين ۽ محفلن ۾ هن قسم جي شاعريءَ جو وڪر وڌيڪ ورتايو ويندو آهي.

## 3. سماجي يا رسمي لوڪ شاعري

هن شاعريءَ ۾ سماجي رسمن رواجن، پيار ۽ عشق جي جذبن، رشتن ۽ ناتن جي سُٻنڌن، سونهن ۽ سرهائيءَ جي ڪيفيتن، مطلب ته زندگيءَ جي سمورين احساساتي ۽ نفسياتي وارتائن جي اُپٽار سمايل هوندي آهي. رسمي لوڪ شاعريءَ جي صنفن ۾، سهرا، لوڪ گيت، لوليون، سينگار، مورو، بيلڻ، چلڙو ۽ هوجمالو وغيره





شامل آهن.

”لوڪ ادب پلر جي صاف پاڻيءَ مثل آهي. جيئن پلر جي پالوٽ سببان، ٺَڪر تي ڪِرندڙ پاڻي تيزيءَ سان هيٺاهينءَ تي هلندي، واٽ وارن ورن وڪڙن سان ٺَڪرندي، گُڙ گُڙ جو عجيب آواز ڪيندي هيٺ ايندو آهي، تيئن لوڪ ادب به عوام جي دلين مان نِڪرندي، خيالن جي مختلف منزلن تي ايندي، عجيب و غريب الفاظ ڪڻندي، تشبيهون ۽ استعارا آڻيندي ظاهر ٿئي ٿو. اهي الفاظ، اهي اصطلاح، اهي تشبيهون، اهي استعارا طلسم جو ڪم ڪن ٿا.“(47)

هيٺئين هنر جي بيت ۾ ”هيڪاريون“ لفظ ڪهڙي نه ڪمال فنڪارانه حُسن ۽ معنويت سان استعمال ڪيو ويو آهي. ان ۾ تجنيس تام جي ٺهڪندڙ ترڪيب سان سگهڙ جيڪا درد جي احساساتي ڪيفيت اوتي آهي، اها سچ ته لونءَ ڪانڊاري ڇڏيندڙ آهي.

دلبر اوهان جي درد جون، آهن دانهون هيڪاريون
سڙي سوز فراق ۾، هي هينئون هيڪاريون
جلي جوش ۾ تي ويون ٻُڪيون هيڪاريون
سڄڻ هيڪاريون، تنهنجون شاهه محمد نه سهي.

(هيڪاريون = تمام گهڻيون، هيڪاريون = ويتر، هيڪاريون = هي ڪاريون، سڙيل، هيڪاريون = هي + ڪاريون = ڪم، ڪار واريون، ارڏايون) (48)

لوڪ شاعري، جيئن ته عام ماڻهن جي سادي سودي زندگيءَ جي تصويرڪشي سان گڏوگڏ انهن جي جذبن، اُمنگن ۽ تهذيبي، تمدني قدرن جي ترجمان آهي، انهيءَ ڪري ان ۾ ناهه نوهه ۽ مصنوعيت بدران هڪ عجيب قسم جي معصوميت ٿئي ٿي. ان جا سادا، سلوڻا ۽ مترنم لفظ، ان جو فطري سٽاءُ ۽ سهڻي ساخت، ان جو تصنع ۽ تڪلف کان آجو اندازِ بيان ۽ ٻيون اهڙيون انيڪ خوبيون ۽ خوبصورتيون آهن، جيڪي لوڪ شاعريءَ کي عام ۾ مقبول ۽ محبوب بڻائين ٿيون. ان جو لهجو ايترو ته مناس ڀريو ۽ رسيلو آهي، جو اهو نه رڳو ٻهراڙيءَ جي عام ماڻهن کي وڻي ٿو، پر اهو شهري ماڻهن جي من کي پڻ موهي ۽ متاثر ڪري ٿو. هي سگهڙائپ وڪر جو سهڻو رنگ ڏسو:

وڍي وڍي وڍراهه، آءٌ ڪوڙين قلم جوڙيان،
ڊرتي ڊر ڪاغذ ڪري، لکان لعلڻ لاءِ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مس جو مراد علي چوي، سمنڊ پاٽي پاءِ،
تہ بہ ساجن ڳڻ سنداءِ، آءٌ قلم چاڙهيان ڪيترا.

لوڪ شاعريءَ جون سموريون صنفون، ڳجهارت، پرولي، ڏهس، ڏٺ، ڏور ۽ دو راهي کان وٺي چلڙي، موري. هو جمالي، سهري، ڳيچ ۽ سينگار تائين، پنهنجي فڪر توڙي فن ۾ بي مثل آهن. هر هڪ صنف سگهڙاڻي سليقي ۽ سماجي سچائين جي سونهن سان ٽمٽار آهي. ڪنهن ۾ لفظي ۽ لغوي هنر جي پالوٽ آهي، تہ ڪنهن ۾ فطرت ۽ زندگيءَ جي حُسن ۽ حقيقت جي اُپٽار. مطلب تہ سنڌي لوڪ شاعري، اسان جي جيون جو اهڙو مها ساگر آهي، جنهن ۾ اسان جي ماضي ۽ حال جي تهذيب ۽ تمدن جا املهہ فڪري، احساساتي ۽ جمالياتي خزانا سمايل آهن. لوڪ شاعري خوبين ۽ خوبصورتين جي کاڻ آهي، ان جي سمورين صنفن جو جمالياتي تجزيو پيش ڪرڻ لاءِ تہ دفتر گهرجن، پر اسان ڪي جيئن تہ لوڪ شاعريءَ مان جماليات جي جهلڪ پسڻي آهي، ان ڪري ڪٿي مان ڪرار پرکڻ مصداق چند مثال پيش ڪجن ٿا.

لوڪ گيت، من مان ڦُٽي نڪرندڙ جذبن ۽ اُمنگن جي پيدائش آهن. جيئن انسان جا امنگ ۽ احساس مختلف ٿين ٿا، ايئن ئي لوڪ گيت بہ انيڪ آهن. شادي ۽ ڇٽيءَ جا لوڪ گيت (سهرا، ڳيچ، لاڏا)، ڏڪن، سڪن، اوسيئڙي، وصال ۽ جدائين (مانجهيڙو، ٻيلڻ، هو جمالو، مورو وغيره)، پريت ۽ پورهئي جا لوڪ گيت. ايتري تائين جو سنڌي سماج ۾ ڪنهن عزيز جي مرتئي تي دک ۽ درد جا گيت، پار ۽ پٽڪي جي ورلاپن ۾ چوڻ جي رسم اڄ بہ موجود آهي.

لوڪ گيتن سان انسان جو ازلي ناتو ۽ نيهن رهيو آهي. ”شعور جي نئين، حيرت ۾ وجهندڙ ۽ انوکي دنيا ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ انسان جا پهريان همراز ۽ دل گهريا دوست گيت ئي آهن. انهن گيتن سان ئي هن ڪڏهن مافوق الفطرت قوتن کي ريجهائڻ ۽ پرچائڻ جو ڪم ڪيو، تہ ڪڏهن هن فطرت جي حُسن ۽ قدرتي نظارن جي مست ٻڌائيندڙ سونهن جي واکاڻ ڪئي. اهي گيت ئي هئا، جن ماڻهوءَ تي گذرندڙ قيامتن ۾ هن جو ساٿ ڏنو، تہ هن جي جشنن کي بہ مسرت ۽ خوشيءَ سان ڀرپور بڻايو.... اهي ئي (لوڪ) گيت زمانن کان سنڌي سماج ۾ بہ تخليق ٿيندا رهيا آهن ۽ سنڌ جي عوام جي معصوم تمنائن ۽ نازڪ احساسن جي نمائندگي ۽ ترجمانيءَ جو حق ادا ڪندا رهيا آهن.“(49)





لوڪ گيتن ۾ عام لوڪ جي رسمن رواجن، تمدني ۽ تاريخي قدرن، خارجي احساسن ۽ داخلي جذبن جا فطري ورلاپ آهن. انهن جي ٻولن ۾ روايتي شاعراڻي ڪمال ۽ قدرت بدران امنگن ۽ احساسن جو رنگ ۽ رچاءُ آهي. لفظن ۾ رس، رواني ۽ مڌرتا آهي، جيڪا ماڻهوءَ جي من کي سرمست بڻائي جهومڻ ۽ نچڻ تي مجبور ڪري ٿي. جيئن هن لوڪ گيت چلڙي جون سٽون پڙهندي من سرهائيءَ ۽ سڪ جي لهرن ۾ ٻُڏڻ ۽ اُپڙڻ لڳي ٿو:

چلو ڇيچ پايان، لوڪئون لڪايان،
ڳڻ تنهنجا ڳايان.
ڏنو يار جاني، ڪري مهرباني،
چلو ڇيچ پاتم، وري ڇاتي لاتم،
سهي سو سڃاتم، آهي منهنجي يار جو،
پورل قربدار جو،
آهي منهجي يار جو، چلو ڇيچ پايان
لوڪان لڪايان....

چلو، جيڪو عاشق ۽ معشوق، پنهنجي پيار ۽ سڪ جي نشاني طور هڪ ٻئي کي تحفي ۾ ڏيندا آهن. اهو تحفو محبت ڪندڙن لاءِ سِر ساهہ کان وڌيڪ عزيز ۽ اَملهہ هوندو آهي. ان کي سيني سان سانديو ۽ لوڪان لڪائبو آهي. مٿئين لوڪ گيت ۾ بہ ڪجهہ اهڙو ئي منظر آهي. محبوب طرفان ملندڙ حسين تحفو، چلڙو، جنهن جي ملڻ تي وينگس ايتري خوش آهي، جو اهو چلو ڇيچ ۾ پائي جهومڻ ۽ نچڻ لڳي ٿي. گهڙي گهڙي چلي کي ڏسي، سڄڻ جيان ان کي سيني سان لائي پرينءَ جا ڳڻ ڳائي ٿي، پر ان کي لوڪان لڪائڻ جون اندر ئي اندر ۾ ترڪيبون بہ سوچي ٿي. لوڪ گيت ۾ هڪ طرف سڪ ۽ سوز، خوشي ۽ خوبصورتيءَ جا احساس پيا جهلڪن، جيڪي پڙهندڙ تي پڻ هڪ سرور ۽ سحر طاري ڪري ڇڏن ٿا، تہ ٻي طرف ان ۾ ريساري، مَر سهو ۽ پيار جي ويري ماڻهن کان پرينءَ جي نشاني چلڙي کي لڪائي رکڻ جو اُڌڪو ۽ اُلڪو بہ آهي. خوشي ۽ ڏک جون گڏيل ڪيفيتون جهڙيءَ ريت هن لوڪ گيت ۾ سمايل آهن، ايئن ئي پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ جي دل ۽ دماغ انهن جي تاثر جي گهرائين ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

جهڙيءِ ريت مرد پنهنجي وندر ۽ ورونهن لاءِ راڳ رنگ جون محفلون

مچائيندا آهن. ساڳي نموني سنڌ ۾ شادين، مڱڻين، ڇٽين ۽ ٻين خوشين جي تهوارن تي عورتون پاڻ ۾ گڏجي لاڏن ۽ لوڪ گيتن جون محفلون سجائينديون آهن. انهن لاڏن ۽ لوڪ گيتن ۾ روايتي سوٽن سانئن، گهوٽ کي موڙ ٻڌڻ، مينديءَ لائڻ، اهرائڻ پهرائڻ ۽ ڪنوار کي سينگارڻ ۽ سجائڻ جي رسمن کان علاوه گهوٽ ۽ ڪنوار جي سونهن ۽ سوڀيا جو ذڪر به خوب هوندو آهي. جيئن:

اکيون ادل جون ٻرن مشعلا، ڪجل جوڙ بنايو
ڏند ياڻڙي جا موتيءَ داڻا، سرخيءَ جوڙ بنايو،
راڻل سيج تي آيو.

**يا**

جهڙو آ گهوٽ سهڻو، تهڙي آ ڪنوار ڀلي،
جهڙو گهوٽ، تهڙي وني،
جوڙي آ ٻلي ٻلي...

”لوڪ شاعريءَ جي صنفن ۾، سينگار جي صنف وڏي اهيت رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته محبوب جي حُسن ۽ جمال، خط و خال، باڪمال ۽ بي مثال جو بيان اهڙي ته نازڪ ۽ نفيس نموني ڪيل آهي...سهائيندڙ ۽ سيبائيدڙ لفظ، تشبيهون ۽ استعارا ڪم آيل هوندا آهن، جو محبوب جو سارو نقشو، ننهن کان چوٽي تائين عين بين اچيو اکيان بيهي.“(50)

سنڌي سينگار شاعري بنيادي طور تي هندي شاعريءَ جي سنگار جو تتبع آهي. ”سينگار اصل سنسڪرت لفظ شرنگار مان نڪتل آهي. سينگار کي هنديءَ ۾ سنگار چون“ (51)، جنهن جي معنيٰ حُسن، سجاوٽ ۽ هار سينگار آهي. هنديءَ ۾ سنگار شاعريءَ جو موجد بهاري لال کي چيو وڃي ٿو، جڏهن ته سنڌ ۾ ان جو مهندار سگهڙ جلال ڪٽي آهي. سينگار شاعري هڪ پاسي پرينءَ جي حُسن ۽ جمال، نرملتا ۽ نکار، هار ۽ سينگار جو سهڻو نقش پيش ڪري ٿي، ته ٻي پاسي ان ۾ سڪ ۽ سوز، تڙپ ۽ تانگهه جا احساس ۽ جذبا آهن، جيڪي پٿر دل کي به نرمائي ۽ پگهاري وجهن ٿا. جلال جي هنن سٽن ۾، محبوب جي بي مثال سونهن ۽ سوڀيا سان گڏ، اَڇوتي خيال جي خوبصورتيءَ جي هيءَ جهلڪ ڏسو:

آهو جتي آهه، ماري به ان ماڳ تي،
سَپ سُري، پَرِ مور جي، سو ٻي سرس سواءِ،





سج ڪناري جهڙ جي، بيٺو پاڻ پَساءِ،
سي نِس دِن دائم دوست سين، رچي رنگ رتاءِ،
اهي جُنگ مڙيئي هڪ جاءِ، آهن جانب ساڻ جلال چئي.

(جتي هرڻ (محبوب جون سهڻيون اکيون) آهن، اتي ماري (پنبڻين جا تير) به ساڳي جاءِ تي موجود آهن. نانگ (محبوب جا ڪارا وار)، مور (محبوب جي سهڻي ڳچي) تي گڏ پيا سُرن پُرن. (52) سياه بادلن جهڙن زلفن مان محبوب جو سج جهڙو سندر چهرو پيو تجلا ڏي. توڙي جو هرڻ ۽ شڪاري، مور ۽ نانگ جو هڪ ئي هنڌ رهڻ ناممڪن آهي، پر اهي چارئي پهر پرينءَ سان گڏ رهڻ ڪري، ان جي رنگ ۾ رچي، ان جي ئي حُسن ۽ جمال جا مشتاق بڻجي ويا آهن).

سينگار جي شاعريءَ ۾ سڪ ۽ سوز، حُسن ۽ عشق جي سهڻي اظهار سان گڏ موهيندڙ ٻولي، فنائتي اسلوب، خوبصورت منظرنگاري، ججهي لغت ۽ اصطلاحي لطافت جا لاثاني مثال ملن ٿا. هن صنف ۾ سچ ته، ”لوڪ شاعرن ادبي ۽ شاعراڻي لحاظ سان ڪمال ڪيو آهي. ڪنهن جوان عورت جي جوڀن ۽ ان جي سونهن ۽ سوڀيا کي، لفظن ۾ نروار ڪرڻ لاءِ، ان جي جسماني حُسن، رعنائي، محبوبيت، نرمائي، ادائن، لباس، زيورن ۽ ٻين انگن عضون لاءِ تشبيهن جا دفتر ڪولي ڇڏيا آهن.“(53)

منهن مهتاب سڄڻ جو، نرگس نيڻ سندن،
چشمن جا چالا ايئن، جيئن ڪنوڻيون ٿيون ڪنون،
چوڏهن طبق چانداڻ ٿئي، جي محب ڪٽي مُرڪن،
سڀ ٿا توهه تڳن، تنهنجي جلوي سان جلال چئي.

هنديءَ جي سنگار رس شاعريءَ ۾، شاعرن محبوب جي حُسن ۽ جمال لاءِ چنڊ ۽ ستارن، سج ۽ بادلن، گلن ۽ سهڻن پکين جون تشبيهون ۽ تمثيلون استعمال ڪيون آهن، پر سنڌي سينگار شاعريءَ ۾، شاعرن محبوب جي سونهن ۽ سندرتا کي بي مثال بڻائي پيش ڪيو آهي. محبوب سيني وصفين سهڻو ۽ حسين آهي. ان جي نهار ۾ انيڪ نزاڪتون ۽ ادا ۾ هزارين حُسناڪيون آهن. هن جو حُسن بي بها ۽ بي بدل آهي. سپريان جي سونهن اڳيان سونهن جا مڙئي معيار ماند ۽ ان جا سلامي آهن:

سڀ ڪنهن ويل سڄڻ جي، جوت ڪري جلوا،
لالي تنهن لال سين، ڪانه اچي ٻي ڪا،

سپريان جي سونهن جي، سورج ڪن ثنا،
صورت سون جهَڪائيو، محبوبن جي ماهہ،
منهنجا دلبر دوس محمد چئي، آهن برق ڪنا با،
تنهن نافع جي نگاهہ، منهنجو من مهتاب ڪيو.

## ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات

سنڌي شاعريءَ جي شروعات ڪيتري بہ پراڻي هجي، پر ان تي مستند مواد سورهين صدي عيسويءَ کان پوءِ ئي دستياب ٿي سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو انهيءَ دور جي شاعرن کي سنڌي شاعريءَ جو بانيڪار (Pioneer) سڏيو وڃي ٿو. انهن بانيڪار شاعرن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح ۽ شاهہ عبدالڪريم وڏي اهميت رکن ٿا.[54]

”قاضي قادن (1463ع ـ1551ع) سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏو شاعر آهي، جنهن شاعريءَ کي ادبي معيار عطا ڪيو. هن سنڌي شاعريءَ کي چارڻن ۽ ڀٽن جي قصيدن ۾ سمايل مبالغي جي ڏٻڻ مان ڪڍي، ان کي فڪر ۽ فلسفي جي پڪي پختي زمين تي آندو ۽ ان کي اهو آڌار ڏنو، جنهن تي هلي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي عمارت ڪڙي ٿي.“[55] ان کان پهريان سنڌي شاعري گهڻي قدر مذهبي رنگ، لوڪ ڪٿا ۽ قصيدائي انداز تائين محدود هئي.

قاضي قادن سنڌي شاعريءَ جو پهريون شاعر آهي، جنهن جا ست بيت تحريري صورت ۾ مليا آهن. 1976ع ڀارت جي صوبي هرياڻہ جي هڪ ڳوٺ راڻيلا مان هيري نڪر سنڌس وڏيڪ 112 بيت هٿ ڪيا آهن. قاضي قادن فقهہ، حديث ۽ تفسير جو جيد عالم هو. فارسي شاعريءَ تي بہ ڪيس وڏي دسترس هئي، پر سنڌي شعر و ادب ۾، سنڌس شهرت انهن ستن سنڌي بيتن ڪري آهي، جيڪي بيان العارفين ۾ موجود آهن ۽ انهن جو فڪري ۽ فلسفياڻو اثر شاهہ ڪريم، مخدوم نوح، سامي، شاهہ لطيف ۽ ٻين پوءِ جي انيڪ شاعرن ورتو آهي.

قاضي قادن جي شاعريءَ جو بنيادي متو تصوف آهي. هو اندر جي اوجر ۽ روحاني سُلڇڻائيءَ کي ئي زندگيءَ جي سونهن ۽ سچائي سمجهي ٿو. هن وٽ انسان جو تصور انتهائي نرمل ۽ نيارو آهي. هو انسان کي تمام اُتم سمجهي ٿو ۽ ان ذريعي ئي حقيقي محبوب تائين پهچڻ جو قائل آهي. ماڻهوءَ جي محبت ۽ صحبت ئي هن لاءِ راهہ ۽ روشنائي آهي، تڏهن





ئي تہ چوي ٿو:

جــوڳيءَ جاڳايــــوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تـهـان پوءِ ٿـيوس، سـنـڌي پـريـان پـيـچـري.

هُن جي شاعري حُسنِ ڪردار سان، نورِ مجسم بنجڻ ۽ ’خودشناسي‘ ۾ ئي ’خدا شناسي‘ هجڻ جو پيغام ڏئي ۽ پاڻ پروڙڻ ۾ ئي پرين پائڻ جو راز سمجهائي ٿي.

پهرين پـاڻ پرک، پريـن پرکـڻ سئوکڙا،
در پيي سو ئي رک، جتان ڏکائين لهين.

مخدوم نوح (1506ع ـ 1590ع) ۽ شاهہ ڪريم (1538ع ـ 1623ع) جي شاعريءَ ۾ توڙي جو حُسن ۽ عشق جو ذڪر صوفياڻي رنگ ۾ رڱيل نظر اچي ٿو، پر سندن هر صورت ۾ پرين سمايل آهي. سپريان جي سونهن جي نہ حد آهي، نہ مد. مجازي رمزن ۽ رعنائين جا سمورا رستا ان حقيقي محبوب جي جلوي ۽ جمال تي دنگ ڪن ٿا، جنهن جي جوت ۽ جوهر سان هن ساري سنسار جي سونهن ۽ سندرتا قائم آهي. انهن وٽ سهڻي ۽ سپڪ ٻوليءَ ۾ خوبصورت تشبيهن ۽ استعارن جو تخليقي ۽ جمالياتي رنگ بہ ملي ٿو، جيڪو احساساتي طور دل کي سڪون بہ ڏئي ٿو، تہ فڪري لحاظ سان عقل ۽ فهم تي مختلف ڪيفيتن جا اثر بہ ڇڏي ٿو. جيئن مخدوم نوح جو هي بيت:

پـيـئـي جا پـريـات، سا مـاڪ نہ پـانـيـو مـاڻُـهـئا،
روئـي پـئـي رات، ڏسـي ڏکـوئـيـن کـي.

يا شاهہ ڪريم جون هي سِٽون جن ۾ منظرنگاريءَ جو حُسن بہ آهي، تہ خيال جي خوبصورتي بہ ڪمال جي آهي.

پـاڻـيـهـاري سـر ڀـهـڙو، جـر تـي پـڪـي جـيـئـن،
اسـان سـڄـڻ تـيـئـن، رهـيـو آهـي روح ۾.

مٿئين بيت ۾ شاعر لفظن جي رنگن سان، مٿي تي ٻيلهہ دِلا ڪنيل هڪ وينگس ۽ پاڻيءَ ۾ بيٺل پڪي جي، نہ فقط سهڻي منظرنگاري پيش ڪئي آهي، پر ان کان علاوه اندر ۾ واسو ڪري ويٺل محبوب سان، پنهنجي روح جي رشتي جو نقش پڻ ڏيکاريو آهي. اهو محبوب جيڪو ظاهري طور تي ان منظر ۾ ڪٿي نظر نہ ٿو اچي، پر پاڻياريءَ سان دِلن ۽ جر سان پڪيءَ جي قريبي نسبت جو عڪس ڏيکاري، شاعر پنهنجي روح ۾ رهندڙ حسين محبوب جو احساس اُجاگر ڪيو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪنهن به موجود شيءِ ڪي اک سان ڏسي ۽ ٻئي کي ڏيکاري سگهجي ٿو، پر هڪ غير موجود شيءِ ڪي ڏيکاري سگهڻ ڏاڍو مشڪل ۽ محال آهي. هڪ مصور ڪنهن حسين ناري ۽ جر تي ويٺل پکيءَ جي تمام جاذب ۽ سهڻي تصوير ته ڪڍي سگهي ٿو، پر ڪنهن جذبي ۽ احساس جي ڪيفيت جي تصوير ڪڍي نه ٿو سگهي. فنونِ لطيفه جي دنيا ۾ اهو ڪمال فقط هڪ شاعر ڪي ئي حاصل آهي، جيڪو ظاهري حُسن سان گڏوگڏ جذباتي ڪيفيتن جا سهڻا عڪس ڏيکاري سگهي ٿو.

شاه لطف الله قادريءَ (1911ـ 1979ع) جي ڪلام ۾ عارفن ۽ عُشاقن، سامين ۽ جوڳين جي داخلي ۽ روحاني دنيا جي رازن ۽ رمزن جي ذڪر فڪر سان گڏ مجازي محبتن ۽ حُسن جي مامرن جا مذڪور ملن ٿا. پرينءَ جي حُسن ۽ سڄڻ جي سڪ جو جنهن سوز ۽ سندرتا سان پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهار ڪيو اٿائين، اهو ڇيه ڇندڙ ۽ ڳچ ڳاريندڙ آهي.

حُسن حبيب جو، پسين جي هيڪار،
ته توکي سڀ ڄمار، وڃي اُڃ ورهن جي.

سڪ تنهنجي سپرين، ڪُهيو ڪري ڪباب،
عاشقن اي ثواب، جيئن پڇن لئه پرينءَ جي.

پرينءَ جي هڪڙي درشن سان عمرين جي اُڃ جي اُجهڻ ۽ سپرين جي سڪ ۾، جِي، مرڻ ۽ مري، جيئڻ جو، مشاهدو ڪرائڻ جي، ڪمال ذات فقط هڪ شاعر وٽ ئي ٿي سگهي ٿي ۽ سڄڻ جي سوز فراق ۾، پڇڻ، پڄرڻ، ڪُسي ڪباب ٿيڻ کي ثواب سمجهڻ واري ڪيفيت جو، پنهنجي لفظن ذريعي احساساتي چِٽُ به صرف هو ئي چِٽي سگهي ٿو، ڇو ته هن جي ادراڪي اک نه رڳو خارجي دنيا جي حُسن ۽ حقيقت کي ڏسي ٿي، پر اها انسان جي دل جي دنيا ۾ جهاتي پائڻ جي سگهه پڻ رکي ٿي.

”شاه عبداللطيف ڀٽائي (1689ـ 1752ع) سنڌ جو ڀريون شاعر آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ کي اعليٰ فني صلاحيتن ۽ خوبصورت ٻوليءَ سان مالامال ڪيو... سندس سموري ڪلام جو تاڃي پيٽو حُسن ۽ جمال جي ريشمي تندن سان اُڻيل آهي“ (56). هو پنهنجي فڪري اندازِ بيان ۽ جمالياتي احساس جي اظهار ۾، نه رڳو يڪتا ۽ نرالو آهي، پر انساني فطرت جو تجزيا نگار ۽ روحاني ڪيفيتن جو نقاش به آهي.





شاه نه فقط پنهنجي دور جي موجود مروج فارسيءَ جي علمي ۽ شاعراڻي روايتن، گل و بلبل، ساقي ۽ شرابن جي تصورن کي رد ڪري، پنهنجي ڌرتيءَ جي تهذيب ۽ تمدن، ٻوليءَ ۽ مٽيءَ جي مهڪ سان واسيل خيالن کي اوليت ۽ اهميت ڏني، پر هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ فڪر ۽ فن جي هڪ نئين ۽ نرالي جوت پڻ جرڪائي آهي. ڀٽائيءَ جو اسلوب ۽ شاعراڻو احساس يگانو آهي. هن جماليات جي ڪيترن تصورن کي جيئن جو تيئن اپنايو آهي، ته ڪيترن ئي روايتي سونهن جي معيارن ۾ تبديليون آڻي، پنهنجا تخليقي تصور پڻ پيش ڪيا آهن. چنڊ، جيڪو عام ماڻهوءَ کان وٺي دنيا جي انيڪ شاعرن ۽ تخليقڪارن لاءِ سندرتا جي علامت رهيو آهي. ان جي سونهن تي لاتعداد شاعرن پنهنجا شعر سِرجيا آهن ۽ ان جي حُسن ۽ جمال تي چڪور جي فدا ٿيڻ جون ڪٿائون پڻ مشهور آهن، پر لطيف سائين جڏهن پنهنجي پرينءَ جي سونهن ۽ سندرتا جو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن ان جي حُسن جي نسبت چنڊ جو جمال معمولي محسوس ٿئي ٿو ۽ هو ساڻس هئين مخاطب ٿئي ٿو:

چنڊ! چوانءِ سچ، جي مَني نه ڀانئين،
ڪڏهن اُڀرين سنهڙو، ڪڏهن اُڀرين ڳچ،
منهن ۾ ٻرئي مچ، تو ۾ ناهي پيشاني پرينءَ جي.
(ڪنيات، 1ـ 17)

چوڏهين چنڊ! تون اُڀرين، سهسين ڪري سينگار،
پلڪ پريان جي نه پَڙين، جي حيلن ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.
(ڪنيات، 1ـ11)

اونداهي اڌ رات ۾، پرين پَسايو پاڻ،
چنڊ ڪتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءَ ۾.
(ڪنيات، 1ـ19)

لطيف جو جمالياتي احساس ۽ اظهار اهڙو ته اثرائتو آهي، جو اهو پنهنجي سندرتا جي سحر ۾ ماڻهوءَ جي من کي ته مُنڊي ڇڏي ٿو، پر سنسار جو حُسن بذات خود حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو. ’سُر ڪنيات‘ مان ورتل هيٺئيون بيت ملاحظ ڪريو، جنهن ۾ لطيف جڏهن پنهنجي محبوب جي جمال جو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن نه رڳو ’سج، چنڊ، ڪتيون ۽ تارا‘



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تائب ٿي وڃن ٿا، پر ’جانب جي جمال‘ سان ساري ڪائنات جي سونهن جهڪي ٿي وڃي ٿي. محبوب جڏهن پنهنجا نشيلا نيڻ کڻي، ناز و ادا سان نهاري ٿو، تڏهن نه صرف سج جو سوجهرو ۽ چنڊ جي چانڊوڪي پنهنجو تاب وڃائي ويهن ٿا، پر جانب جي جمال ۽ جوت کي پَسي تارا ۽ ڪتيون به تائب ٿي وڃن ٿا ۽ سنسار جي سونهن، پرينءَ جي حُسن ۽ حقيقت اڳيان پنهنجي جوت ۽ جوهر وڃائي ويهي ٿي.

کڻي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا، ڪتيون تائب ٿيا، ديلينديءَ دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سان.

(ڪنيات، 1۔ 18)

پٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ جا موضوع، ڌرتي ۽ ان ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ اهي پورهيت، پنهوار ۽ محنت ڪندڙ ماڻهو آهن، جن جي هٿن ۾، ڌرتيءَ کي ڪيڙي ان مان اَنُ اُپائڻ ۽ هِن سنسار کي خوبصورت بڻائڻ جي سگهه موجود آهي. شاهه جا آدرشي ڪردار شاهاڻي طبقي جا نه، پر پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ آهن. ”هن جي شاعري سنڌس ديس جي ماڻهن مان هر هڪ لاءِ آهي. ڪهڙي به ذهني سطح وارو شخص، عالم، پڙهيل، توڙي اڻ پڙهيل شاهه جي شعر جي رس ۽ رچاءَ جو مزو ماڻي سگهي ٿو.“[57]

شاهه جي محبت جو محور ۽ مرڪز ڌرتي، ان جا وڻ ٽڻ، گل ڦل، پهاڙ، نديون ۽ اهي محنت ڪش ماڻهو آهن، جن کي هو پري کان ئي سنڌن لوڏ مان سڃاڻي، ساڻن محبتن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

مٿن ٽِبڪ ٽبڪڙا چڪندڙا اچن
ڪڙيون ڪيهه پڪليون پگهر سر پيرن
ايءُ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

(مارئي، 7۔ 8)

شاهه جي شاعري، ”ساجن، سونهن، سرت“ جي فڪر ۽ فلسفي جو سهڻو سنگم آهي. ان ۾ جذبن کي لفظن ۽ لفظن کي سُرن ۾ سميٽڻ جي اهڙي ڪمال ڏات ۽ قدرت سمايل آهي، جيڪا ڪنهن شاعر ۾ ورلي ملندي. ايچ ٽي سورلي (H. T. Sorely) پنهنجي ڪتاب پٽ جو شاهه ”Shah Abdul Latif of Bhit“ جي انتساب ۾، سنڌس شاعراڻي





عظمت جو اعتراف ڪندي لکي ٿو:

“No might is here of Rumes' verse, No Jamis' soul wrapt music swings.
No high tuned note of Hafiz' wit, Within your humble minstrel rings.
And yet! Strange paradox it be, That not less searching is the calm,
The simple music of his lays, Than wise, deep utterance of Islam.” [58]

(هن جي نماڻي ۽ نرمل شاعريءَ ۾، نه رومي واري شدت آهي، نه جاميءَ واري موسيقيءَ جي سُرن ۾ تَرندڙ روحانيت ۽ نه ئي وري حافظ جهڙي لفظي مبالغه آرائي، پر پوءِ به ان ۾، هڪ حيرت ۾ وجهي ڇڏيندڙ حُسناڪي آهي. ان جي سانت ۾ به بي چيني آهي. اسلامي علم ۽ دانش جي پرچار ڪان وڏيڪ هن جي ٻولن جي مٺرتا ۾ محبوبيت سمايل آهي.)

”حُسن رڳو سونهن جو ئي نالو ناهي. سونهن وڻندڙ جسماني بيهڪ کان ڪنهن مٿانهين حقيقت جو نالو آهي. حُسن جو ذڪر، جيڪو اسان کي شاه لطيف وٽ ملي ٿو، سو عام ۽ رواجي ناهي. ان جو دائرو جواني، سينگار، دولت، خوشحالي ۽ رنگ روپ جون حدون ٽپي، هڪڙي فڪري ڪيفيت تائين پهچي ٿو....اهو رڳو انسان ۾ ئي نه، پر ڪائنات جي ذري ذري ۾ تجلا ڏيندي نظر اچي ٿو..... اسان جو شاعر جڏهن انساني حُسن جو عڪس ڏيکاري ٿو، ته هندي شاعريءَ جا سورنهن سينگار اوٻاٽجي وڃن ٿا ۽ جڏهن فطرت جو چِٽُ چِٽي ٿو، تڏهن جپاني هائيڪي جا شاعر ۽ نيچر تي شاعري ڪندڙ يورپي ڪوي ڪومائجي وڃن ٿا.“[59]

محبوب جي حُسن ۽ جمال جي بيان لاءِ لفظن جي چونڊ، اظهار جو انداز، تشبيهي ندرت، جذبي جي اُڇل ۽ خيال جي معصوميت جو خوبصورت مثال ته ڏسو:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيلئا، ها ها هو هميش،
پَسيو سونهن سيد چئي، نيهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نه اُجهي.

(مومل راڻو، 3۔1)

لطيف جو محبوب، انساني صورت ۽ اوصاف رکندڙ آهي. ان ۾ مٽيءَ جي مهڪ ۽ ماڻهپي واريون خوبيون ۽ خوبصورتيون آهن. پٽائي فطرت جي سونهن جو به مشتاق آهي. سنڌس شاعريءَ ۾، فطرت جي حُسن ۽ جمال جا، جابجا جلوا ۽ رنگ ملن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تا، پر جڏهن انساني حُسن، ان جي صورت ۽ سيرت جو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن فطرت جو حُسن، انسان جي سونهن اڳيان شرمائڻ لڳي ٿو. فطرت ۽ انسان جي سونهن جي ڀيٽ جو سهڻو مثال ڀٽائيءَ جي ”سر سارنگ“ جي هن بيت ۾ ڏسو:

آگم ائين نہ انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
سيڻن ريءَ سيد چئي، روح نہ رچن رنگ،
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾.
(سارنگ، 1-3)

آگم، جيڪو خوشحالي ۽ خوبصورتيءَ جي علامت آهي. جنهن جي سرمئي ۽ سانوري رنگت نہ رڳو اکين کي عجيب سڪون آڇي ٿي، پر اهو برسات جو اهڃاڻ بہ آهي. لطيف فرمائي ٿو، بيشڪ! بادل، برسات ۽ خوشحاليءَ جي علامت آهي. اهو جڏهن برسي ٿو تہ ڌرتي سائي ۽ سرهي ٿي پوي ٿي، پر محبوب جي ملاقات ۾ تہ اهي رنگ، راحتون، اهي خوبيون ۽ خوبصورتيون آهن، جن جي رنگن ۾ روح جي ساري ڌرتي رڱجي وڃي ٿي. ان جي خوشبوئن سان سارو وجود واسجي وڃي ٿو. ان جي پيار جي بارش سان دل جي دنيا جا سڀئي ريگستان ريجهي وڃن ٿا. ان جي درشن ۽ ديدار سان بي قرار روح کي راحت ملي ٿي. بادل تہ فقط هڪڙي برسات ڪٽي ٿو اچي، پر پرين تہ سراپا سهسين سارنگ آهي. سهسين سج ۽ چنڊ آهي. ان جي حُسن سان ئي تہ سڀ رونقون ۽ راحتون آهن. ان بنا دنيا انڌ ۽ اونداهي آهي.

سهسين سجن اڀري، چوراسي چنڊن،
باالله ريءَ پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان.
(سر ڪنڀات، 1-12)

شاهه سائينءَ جي شاعري، ٻوليءَ جي نفاست، فڪر جي گهرائي، منظرنگاري، موسيقيت، حُسن ۽ عشق جي بيان، ادراڪي حسيت، تشبيهن، استعارن ۽ ٻين انيڪ فني صنعتن جي حوالي سان باڪمال ۽ بي مثال آهي. هو مفڪر ۽ مصور شاعر آهي. شعر پڙهڻ سان، ان ۾ موجود ڪيفيتن، احساسن ۽ منظرن جا عڪس اکين اڳيان اُڀري اچن ٿا. هن جي اظهار ۾ حقيقت ۽ حسيت جي حُسن سان گڏ زندگي ۽ فطرت جا سهڻا رنگ آهن، جيڪي اکين کي وڻڻ کان علاوه روح جي گهرائين تائين لهي وڃن ٿا. هيٺئين بيت ۾ فطرت جي حُسن ۽ ان جي آغوش ۾، محبت جي خمارن ۾ مخمور پيار ڪندڙن جو عڪس ڏسو، جنهن





کي لطيف هڪ مصور وانگر پنهنجي لفظن جي رنگن ۾ محفوظ ڪيو آهي.

هيٺ جر، مٿي ميگر، پاسي ۾ وڻراهه،
اچي ويچ وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ.
لڳي اتر واءُ، تہ ڪينجهر هندورو ٿئي.(ڪاموڏ، 2-4)

هيٺ پاڻي، پاسي ۾ وڻراهه ۽ انهن وڻن ۾ رنگ برنگي ٻور. وڻن ۾ ٻور بهار جي موسم کي ظاهر ڪري ٿو، ۽ ان بهار جي حسين موسم ۾، نوري ۽ تماچي ٻيڙيءَ ۾، ڪينجهر جو سير ڪري رهيا آهن. ڇا تہ نظارو ۽ اظهارِ بيان جي نزاڪت آهي! پهرين سِٽَ ۾ هڪ غير متحرڪ منظر آهي، جيڪو سانتيڪائي ۽ سڪون جي ماحول جو احساس ڏئي ٿو. ٻي سٽ، ٻيڙيءَ ۾ سوار نوري ۽ تماچي جي متحرڪ منظر کي پيش ڪري ٿي. هڪ جامد ۽ ساڪت منظر سان متحرڪ منظر جو عڪس ملي ڪيڏو نہ خوبصورت پيو لڳي. پسمنظر ۾ خوبصورت وڻراهه ۽ ڪينجهر جي پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙيءَ ۾ ويٺل ٻہ وجود، جن کي محبت جي مدهوشي هڪ وجود بڻائي ڇڏيو آهي. انهن ٻن سٽن ۾ پيش ڪيل نظارو هڪ مڪمل تصوير آهي، سهڻي ۽ موهيندڙ تصوير، پر لطيف پنهنجي ڪمال فن جو مظاهرو ڪندي، ان تصوير ۾ ٽين سٽ، ”لڳي اتر واءُ، تہ ڪينجهر هندورو ٿئي“ جو، جيڪو حسيت سان ڀرپور ۽ متحرڪ عڪس شامل ڪيو آهي، ان منظر کي خوبصورتيءَ سان گڏ وڏيڪ مڪملتا ۽ معنويت عطا ڪئي آهي. هن بيت ۾ ڀٽائي جي لفظن، نہ رڳو رنگ ۾ ٻُڏل برش ٿي، سونهن جي نقش ڪشي ڪئي آهي، پر انهن اتر جي هير جي تاثير کي احساسن تائين پهچائڻ ۽ ڪينجهر جي لهرن جي نغمگيءَ کي سماعتن تائين رسائڻ جو ڪم پڻ سرانجام ڏنو آهي.

لطيف سائين جي سموري شاعري، حُسن ۽ جمال جو مظهر آهي. ان ۾ ڪٿي فن ۽ فڪر جي سونهن آهي، تہ ڪٿي انسان جي حُسن جا جلوا آهن. ڪٿي موسيقيءَ جي موهيندڙ مڌرتا آهي، تہ ڪٿي فطرت جي خوبصورتي. مطلب تہ سندس سموري شاعري جماليات جو اهڙو گلستان آهي، جنهن جي هر گل ۾ پنهنجي سونهن ۽ پنهنجي سڳنڌ آهي.

مئين شاهه عنايت، خواجہ محمد زمان، ميان صاحب ڏني، سامي ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ حُسن ۽ جمال جي پڻ چڱي جهلڪ ملي ٿي، جيڪا گهڻو ڪري تصوف جي گيڙو رتي رنگن ۾ رنڱيل آهي. سامي، خارجي دنيا جي رنگن ۽ رونقن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري، فقط دل جي ڪُنڊ وسائڻ جو قائل محسوس ٿئي ٿو. هيءَ دنيا ڪيس نظر جو فريب ٿي لڳي. هن لاءِ مايا اڻ هوندي دريا وانگر آهي، جنهن ۾ انسان اجائي فريب جا غوطا ٿو کائي، تنهن ڪري هو پنرجنم ۽ اواگون جي فڪر ۽ فلسفي تي زور ڏئي ٿو ۽ ڌرمي تپسيائن ۽ ست گر

ذريعي زندگيءَ جي حُسن ۽ حقيقت کي سمجهڻ جي تلقين ڪري ٿو. هو هن رنگ ۽ رونقن جي دنيا جي بنسبت دل جي دنيا کي ترجيح ڏئي ٿو. يعني هن وٽ خارجي حُسن ۽ حقيقت بدران داخلي سونهن ۽ صداقت جي وقعت وڏيڪ آهي، اهو ئي سبب آهي، جو چوي ٿو:

مايا پلائي، وڏو جيءُ پرم ۾،
اڻ هوندي درياه ۾، غوطا نت ڪائي،
سامي ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي،
ست گر جاڳائي، تہ جاڳي جُڙي پاڻ سان.

سچل، سرمستيءَ ۾، عشق ۽ مجاز جي حُسن جا جلوا پَسائي ٿو. هو هر صورت ۾ پرينءَ جي سونهن، ۽ هر سونهن ۾ محبوب جي جمال جو متلاشي آهي. هو دوئي کي ختم ڪري، هيڪڙائيءَ جو درس ڏئي ٿو ۽ عشق کي اهڙو اسرار قرار ڏئي ٿو، جنهن ذريعي ئي محبوب تائين پهچڻ ممڪن آهي. سچل جي فڪر ۽ فلسفي جو محور ۽ مرڪز عشق آهي.

صورت سڀ انسان جي اٿئي عشق اصل،
'خلق آدم الا صورتہ'، جزو جهڙو ڪل،
'الانسان سِري و انا سِره'، سچ سچا پيو سَلِ،
ٻُل نہ ٻي تون ٻُلُ، هِتي هُتي هڪ اٿي.

ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن پنهنجي نرمل خيال ۽ صوفياڻي رمزيت سان حُسن ۽ جمال جا جيڪي جوهر پَسايا آهن، اهي پنهنجي فن توڙي فڪر جي حوالي سان مثالي ۽ اَملهہ آهن. هر شاعر پنهنجي پنهنجي فني انداز ۽ فڪري اڏام سان خارجي ۽ داخلي سونهن جو لفظن ۾ نقش چِٽي، ان جي سچ ۽ سندرتا کي پيش ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي آهي، پر احساس کي آواز ۽ آواز کي تاثريت عطا ڪري، زندگيءَ جي سچ ۽ سونهن سان جوڙڻ جو لاثاني فن فقط ڀٽائيءَ وٽ ئي آهي. شاهہ سنڌي شاعريءَ کي ايتري تہ فڪري، فني ۽ جمالياتي وسعت عطا ڪئي آهي، جو هو اڄ تائين سنڌي ادب جي آسمان تي سج جيان چانيل آهي. بقول شيخ اياز، "سندس فڪر ۽ جمال جي اُهاءَ ۾ ٻيا تارا، تَرو ڪٽيون ڏيکجي ويا ۽ پنهنجي جوت ايتري جرڪائي نہ سگهيا، جيتري انهن ۾ جلا هئي."(60)

مٿئين شاعريءَ جي جمالياتي اڀياس ڪان پوءِ اها ڳالهہ چِٽي ٿي سامهون اچي ٿي، تہ سونهن اهڙي سچائي آهي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن روپ، رنگ، فڪري، نفسياتي ۽ فطري احساس تحت ماڻهوءَ کي موهي ۽ متاثر ڪري ٿي. توڙي جو هر سماج ۾ ان جا تصور ۽ معيار مختلف ٿين ٿا، پر هر جاذب ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



خوبصورت شيءِ ۾ پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرڻ موهڻ جي شڪتي ڪنهن حد تائين يڪسان ٿئي ٿي.

مجموعي طور تي اڀياس هيٺ آيل چند ٻين ٻولين ۽ سنڌي شاعريءَ ۾، زندگيءَ جي اعليٰ ۽ آدرشي قدرن جي اپٽار، صوفياڻي رمزيت ۽ تمثيلي ندرت جي جمال سان گڏوگڏ آفاقي ۽ وجداني احساسن جي اظهار جو اهڙو رنگ ملي ٿو، جيڪو فڪري توڙي فني حوالي سان تمام گهڻو موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي ۽ ان مان هڪ ئي وقت فطرتي، فڪري، فني، جسماني، افادي، وحداني ۽ وجداني جمال جي سونهن جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي.

## حوالا


1. سحر، امداد، ڊاڪٽر، "شعور شاعر شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2008ع، ص348.
2. چانڊيو، امير علي، "اياز جي شاعري هڪ مطالعو"، (مضمون) ماهوار "سُهڻي"، حيدرآباد. مارچ 1990ع، ص77، 78.
3. ڀٽي، رشيد، (مرتب پاران) "خط انٽرويو تقريرون 1"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1987ع، ص19، 20.
4. شيخ، اياز، "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1989ع، ص46.
5. شيخ، اياز، "ساهيوال جيل جي ڊائري"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1986ع، ص124.
6. شيخ، اياز، "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون"، ص98، 126.
7. شيخ، اياز، "خط انٽرويو تقريرون 2"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1991ع، ص72.
8. شيخ، اياز، "ڪپر ٿو ڪن ڪري"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1986ع، ص22.
9. هڪڙو، انور، ڊاڪٽر، "جنم جنم جي جيت اياز"، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد، 1999ع، ص30.
10. شيخ، اياز، "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون"، ص147.
11. چانڊيو، امير علي، "اياز جي شاعري هڪ مطالعو"، ص78.
12. ٻاٻاڻي، ڪيرت، "سنڌ جي سوني ڌرتيءَ جو شاعر"، ماهوار "سُهڻي اياز نمبر2"، حيدرآباد. 1991ع، ص6.
13. جويو، محمد ابراهيم، (مهاڳ) "وڃون وسڻ آئيون"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1989ع، ص9.
14. آغا، سليم، (ٻہ اکر)، "شڪارپور صدين ڪان" (مرتب): ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو، ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي شڪارپور، 1988ع، ص8.
15. آزاد، برڪت علي، (مضمون)، "شهرن جي راڻي شڪارپور"، "شڪارپور صدين ڪان"، ص272.
16. سرڪي، نورالدين، (تقرير)، "شڪارپور صدين ڪان"، ص16، 17.
17. هڪڙو، انور، ڊاڪٽر، "جنم جنم جي جيت اياز"، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد، 1999ع،




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ص24.
18. شيخ، اياز، ”منهنجي شاعريءَ جا موضوع“ (مضمون)، ”شيخ اياز ۽ صحافت“ مرتب: ذوالفقار هاليپوٽو، ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ،2010ع، ص76، 77.
19. شيخ، اياز، ”ڪتي نہ پيجبو تڪ مسافر-4“، سنڌي ادبي بورڊ/ شيخ اياز فائونڊيشن حيدرآباد، 1998ع، ص31.
20. شيخ، اياز، ”ڪتي نہ پيجبو تڪ مسافر۔ 3“، سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي، 1997ع، ص145.
21. شيخ، اياز، ”ڪتي تہ پيجبو تڪ مسافر“،نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1995ع، ص201.
22. هڪڙو، انور، ڊاڪٽر/ پريم هدايت ، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار“، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو،2005ع، ص5.
23. شيخ، اياز، ”ساهيوال جيل جي ڊائري“، 1986ع، ص205، 206.
24. گيانچنداڻي، سوڀو، ”سوامي رام تيرٿ“، (مضمون) ماهوار سنڌو، 1935ع، ص3.
25. شيخ، اياز، ”ساهيوال جيل جي ڊائري“، 1986ع، ص205.
26. شيخ، اياز، ”ڪتي نہ پيجبو تڪ مسافر“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1996ع، ص119.
27. هڪڙو، انور، ڊاڪٽر، ”جنم جنم جي جيت اياز“، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد، 1999ع، ص24.
28. شيخ، اياز، ”ساهيوال جيل جي ڊائري“، 1986ع، ص58، 59، 60.
29. چانڊيو، امير علي، ”اياز جي شاعري هڪ مطالعو“،ماهوار ”سُهڻي شيخ اياز نمبر ۔ 1“، حيدرآباد. مارچ 1990ع، ص86، 87.
30. شيخ، اياز، ”ساهيوال جيل جي ڊائري“، 1986ع، ص18، 151.
31. لغاري، اڪبر، ”شيخ اياز جو فڪري سفر-1“ (مضمون) ماهوار ”سوجهرو“ ڪراچي، مارچ 2004ع، ص27.
32. شاعر، حمايت علي، (مقالا) ”شيخ اياز شخص ارو شاعر“ (شاملِ ڪتاب) ”حلقہ مري زنجير ڪا“ فهميده حسين، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1979ع، ص293.
33. سبزوئي، حميد، ”فاني جڳ لافاني ماڻهو“، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2011ع، ص163، 164، 166.
34. لغاري، اڪبر، ”شيخ اياز جو فڪري سفر-1“ (مضمون) ماهوار ”سوجهرو“، ڪراچي، مارچ 2004ع، ص28.
35. ڪاظمي، فهيم شناس (مضمون)، ”سنده ڪا بيجل“، ڪتاب ”بوئہ گل نالئہ دل“، مرتب: آفاق صديقي، محکمہ ثقافت و سياحت، حکومت سنده، 2010ع، ص7، 8.
36. پليجو، رسول بخش، (مقالو)”انڌا اونڌا ويڄ“، ڪتاب ”شيخ اياز“، مرتب: جامي چانڊيو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1998ع، ص256.
37. مسرور، بيدل، (انٽرويو)، ”شهرِ وفا“، ”سُهڻي شيخ اياز نمبر1“، مارچ 1990ع، ص193.





38. ڪومل، لڇمڻ، ”سنڌي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو ۽ پسمنظر“ (مضمون)، مخزن ”سنگت“، سنڌي ادبي سنگت سنڌ، شمارو 28، جون- آگسٽ 2011ع، ص22.
39. شاعر، حمايت علي، (مقالا) ”شيخ اياز شخص ارو شاعر“ (شاملِ ڪتاب) ”حلقہ مري زنجير ڪا“ فهميده حسين، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1979ع، ص 299.
40. انصاري، عثمان علي، ”رسالو سچل سرمست“، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع، ص47.
41. شيخ، اياز، ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1986ع، ص55.
42. شيخ، اياز، ”خط انٽرويو تقريرون 1“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1987ع، ص285.
43. شيخ، اياز، ”خط انٽرويو تقريرون 2“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1991ع، ص44.
44. شيخ، اياز، ”ڪونجون ڪرڪن روهہ تي“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1997ع، ص5.
45. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”شيخ اياز هڪ مطالعو“، شيخ اياز چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس، 1999ع، ص96.
46. آغا، سليم، ”شيخ اياز صدين جي صدا“، سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع، ص94، 95.
47. ايضا، ص115، 116.
48. آغا، سليم، ”شيخ اياز صدين جي صدا“، سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع، ص13.
49. ايضا، ص14.
50. پليجو، رسول بخش، (مقالو) ”انڌا اونڌا ويڄ“، ڪتاب ”شيخ اياز“، مرتب: جامي چانڊيو، ص257.
51. جالبي، جميل (مترجم)، ”ايليٽ ڪي مضامين“، سنگڦ ميل پبليڪيشنز لاهور، 1989ع، ص185.
52. لغاري، اڪبر، ”شيخ اياز جو فڪري سفر-4“ (مضمون) ماهوار ”سوجهرو“، ڪراچي، جولاءِ 2004ع، ص12.
53. سميجو، اسحاق (مرتب)، ”ناوَ هلي آ گيت ڪٿي“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2009ع، ص12.
54. سومرو، ادل، ڊاڪٽر، (ايڊيٽر) ”سو ديس مسافر منهنجو ڙي“، شيخ اياز چيئر، شاهہ عبدالطيف يونيورسٽي خيرپور، 2001ع، ص228.
55. شيخ، اياز، ”ڪتي تہ پيجبو تڪ مسافر“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1995ع، ص31.
56. http://nirazz.blogspot.com/farewell-poem-by-federico-garcia-lorca
57. شاعر، حمايت علي، (مقالا) ”شيخ اياز شخص ارو شاعر“ (شاملِ ڪتاب) ”حلقہ مري زنجير ڪا“ فهميده حسين، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1979ع، ص328.
58. شيخ، اياز، ”جڳ مڙيوئي سپنو“،نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1990ع، ص209.
59. شيخ، اياز، ”ڪتي تہ پيجبو تڪ مسافر“، نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1995ع، ص253.
60. Vladimr mayakovsky, “poems”,(translated: Dorian Rottenberg,) progress publishers moscow, 1972, p:42.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair